# صحرا جهڙا خواب

(وايون)

## مخمور رضا

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر





## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”صحرا جهڙا خواب“** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب نوجوان شاعر **مخمور رضا** جي واين جو مجموعو آهي ساجد سنڌي لکي ٿو:

”نهايت نفيس سياهء ۽ معصوم صورت جي هن قلم ڌڻي جيترو تيزيءَ سان لکيو آهي، اوترو ئي سنڌس شاعريءَ ۾ وڌيڪ نکار پيدا ٿيڻ لڳو آهي ۽ ڪيس پرپور موت به ملي آهي، اهوئي سبب آهي جو مخمور ٿوري عرصي ۾ محبت ۽ مجتا جا ايترا ته موتي ميڙيا آهن جو پاڻ ”اسان جي منزل، اجان به اڳتي“ جو ورد پچاريندي ٿڪجي نه ٿو. هن مجموعي ۾ سنڌس اندر ۾ وڍ وجهندڙ پيڙائن ۽ پوڳنائن جا اولڙا پنهنجي موجودگيءَ احساس ڪان آشنا ڪرائين ٿا.“

هي ڪتاب **سمبارا پبليڪيش، حيدرآباد** پاران 2018ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون سمبارا پبليڪيشن جي سرواڻ پياري ساجد سنڌيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ مهربانيون مخمور رضا جون جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.


**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**





**ڪتاب نمبر 120**



**حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ**



| | |
|---|---|
| **ڪتاب جو نالو:** | **صحرا جهڙا خواب** |
| **موضوع:** | **وايون** |
| **شاعر:** | **مخمور رضا** |
| **ڇاپو پهريون:** | **جون 2018ع** |
| **ڪمپوزنگ:** | **شڪيل اڪبر جنجهي** |
| **ٽائيٽل:** | **رضوان گل** |
| **ڪيليگرافي:** | **رضا ڪيريو** |
| **ڇپيندڙ:** | **سمبارا پبليڪيشن** |
| **ڊجيٽل ايڊيشن:** | **سنڌ سلامت 2020ع** |

www.sindhsalamat.com

**منو ٿاور ساهمون عبرت پريس ويجهو ڏُوابا پوليس لائين،**
**گاڏي کاتو حيدرآباد**
03003513966

**مُلهه:** 250 روپيا

***SAHRA JHERA KHUWAB***
***(Poetry)***
***By : Makhmoor Raza***
***Sambara Publication Hyderabad***
***03003513966***

# ارپنا

نهايت پيار ۽ خلوص سان پنهنجو هي ٽيون شعري گلدستو "صحرا جهڙا خواب" سنڌي ٻولي جي خوبصورت شاعرن، ۽ شاعرائن

* وسيم سومرو
* ڊاڪٽر احسان دانش
* رخسانہ پريت
* فهميده شرف بلوچ
* رحمت پيرزادو
* پنهل
* مصطفيٰ انڙ
* اسد مگڻهار
* منور سولنگي
* شيخ نديم
* سُگهڙ ڏاڏو ڏتل ابڙو
* فرزانہ شاهين
* جاويد ميمڻ
* جواد جعفري
* رضوان گل
* روبينہ ابڙو
* سنڌو پيرزادو
* عجب شيخ
* ساجد سنڌي
* رضا بخاري
* شهمير سومرو
* گلاب چانڊيو
* منصور ميمڻ
* نويد ناز پٽي
* مٺل سولنگي
* غوث پيرزادو

جي نانءِ ڪريان ٿو.

مخمور رضا



www.sindhsalamat.com

# پبلشر نوٽ

پٿرالين نيڻن جا سپنا ساپيان جو رڻ جهاڳي جڏهن تحت الشعور جون گهرايون ماپڻ شروع ڪن تہ پنن تي پٿاريل سوچن جو وسيع ڪئنواس اهڙين ڪٿائن کي جنم ڏئي ٿو، جتي نراسيل آس جون ريکائون اميدن جو نئون جهان جوڙين ٿيون، هڪ نوجوان قلمڪار ۾ ڪجھ اهڙي قوت ضرور آهي جا کيس بار بار قلم کڻڻ تي مجبور ڪري ٿي، ها مخمور رضا جي قلم جي جنبش ۾ رچيل رچنائون سندس اندر جي اجاڙ رستن جو داستان ٻڌائين ٿيون. ننڍي عمر ۾ اوجاڳيل اکڙين جو درد ڪٽي شاعريءَ جي تلخ پيچرن تي ايتريون تيز وڪون کڻندڙ هن ڪوتاڪار جي حساس دل ڪيترو نہ پيڙيو ۽ پوڳيو هوندو، ان جو اندازو سندس اڳ آيل ٻن ڪوتا ڪتابن "هينئڙي منجھ هڳاءُ" ۽ "درد جو آڪاس" سميت هن واين جي مجموعي "صحرا جهڙا خواب" مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو، جن ۾ پڻ سندس اندر ۾ وڍ وجهندڙ پيڙائن ۽ پوڳنائن جو اولڙا پنهنجي موجودگيءَ احساس ڪان آشنا ڪرائين ٿا.

نهايت نفيس سياءَ ۽ معصوم صورت جي هن قلم ڌڻيءَ جيترو تيزيءَ سان لکيو آهي، اوترو ئي سندس شاعريءَ ۾ وڌيڪ نکار پيدا ٿيڻ لڳو آهي ۽ کيس پرپور موٽ بہ ملي آهي، اهوئي سبب آهي جو مخمور ٿوري عرصي ۾ محبت ۽ مِيتا جا ايترا تہ موتي ميڙيا آهن جو پاڻ "اسان جي منزل، اڃان بہ اڳتي" جو ورد پچاريندي ٿڪجي نہ ٿو، جتي هو پنهنجي محنت سان پيٽ جي دوزخ جي باھ وسائڻ لاءِ پنهنجي والدين جو هٿ ونڊائيندي سرهائي محسوس ڪري ٿو، اتي هن عشق جي آويءَ ۾ پچندي نت نوان خيال پنن تي پٿاري جڻ تہ پنهنجي لاءِ پناهگاھ جوڙي ورتي هجي، شال سندس قلم ڪڏهن نہ ٿڪجي ۽ زندگيءَ جي حسين خوابن جي واديءَ ۾ ڪيڏندو رهي. مخمور رضا جو هي ٽيون شعري مجموعو "صحرا جهڙا خواب" جي اشاعت پڻ سمبارا پبليڪيشن سان اُنسيت ۽ محبت ثبوت آهي، جيڪا يقينن پڑهندڙن لاءِ هن عيدالفطر تي بہ مسرتن جو سنيهو ثابت ٿيندي.

ساجد سنڌي

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

03003513966



www.sindhsalamat.com

# پنهنجي پاران

جڏهن صحرا جهڙا خوابَ شعرن جو روپ ورتي، احساسن جو ڳنڍڪو ٻڌجي، ساڃاهه وندن جي هٿن تائين رسائي حاصل ڪندا آهن ته اهو ٿاڻُو هڪ سچي تخليقڪار لئه معراج برابرِ هوندو آهي، ۽ ان وقت اُن تخليقڪار کي ائين لڳندو آ جڻ اُن منزل ماڻي هجي، توڙي مون اڃا شاعراڻو پنڌ شروع ئي مس ڪيو آ، پو به ائين لڳي رهيو آهي جڻ مون اڄ پنهنجي سڦلتا جو ماڳ ماڻيو هجي، منهنجا ٿيريان به غزلن جا به مجموعا عيدالفطر جي پر مسرت موقعي تي شايع ٿيا هئا ۽ هي ٽيون مڪمل واين جو ڪتاب "صحرا جهڙا خواب" به عيد الفطر جون خوشيون ٻيڻيون ڪرڻ لاءِ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي، جيڪا يقينن مون لاءِ يادگار ۽ نه وسرندڙ ڳالهه آهي، اميد ته منهنجو هي واين جو ڪتاب پڻ ساڳي مڃتا ماڻيندو، جهڙي منهنجي غزلن جي ڪتابن ماڻي.

زماني ۽ دوستن جي جفائن، عشق جي سزائن ڪان دور پڄندي پڄندي اڃي شاعريءَ جي جهان ۾ پناهه ورتي، جي هي جهان نه ملي ها ته آئون رُلي، وڪري وڃان ها، اڄ ته شاعري مون لاءِ پناهه ۽ سڪون گاهه آ، جنهن جي ڇانوَ ۾ زندگي پر چين پيو ماڻبو، جيئن ماءُ پنهنجي ٻچڙي کي لاڏ ڪوڏ سان پاليندي آهي، مون به بلڪل ان ريت پنهنجي شاعريءَ کي پاليو آهي، بس فرق ايترو آ ته ماءُ ٻچڙي کي کير پيئاري پاليندي آ ۽ مون وري شاعري کي پنهنجو خون پيئاري جيئاريو آهي.

آنءُ ان سفر ۾ پل پل ساٿ ڏيندڙ مخلص دوست شيخ نديم جي محبتن کي سلام پيش ڪيان ٿو ۽ برجستي شاعر سائين وسيم سومرو جو احسان مند آهيان، جنهن غزل بعد وائيءَ جي رنگن ڪان آشنا ڪيو، سائين وسيم سومرو هڪ ئي


www.sindhsalamat.com

وقت منهنجو استاد به آهي ته سٺو دوست به، وسيم سائينءَ سان ڌڙڪنن ۽ احساسن جا رشتا جڙيل آهن جيڪي اُجرا آهن سنڌ جي سينڌ جيان.

پياري آرٽسٽ دوست رضا ڪيريو جا به قرب، جنهن جي خوبصورت ڪيليگرافيءَ ڪتاب جي سونهن ۾ اضافو ڪيو، سهڻي سائين رضوان گل جا پڻ ٿورا ڄاڻا جنهن منهنجي پهرين آيل ڪتابن "هينئڙي منجهه هڳاءُ" ۽ "درد جو آڪاس" ڪانپوءِ هن مجموعي "صحرا جهڙا خواب" جو پڻ بيحد سندر ٽائيٽل ٺاهي پنهنجون قربتون ارپيون.

تاثر لکندڙ سائين وسيم سومرو، ڊاڪٽر احسان دانش ۽ ادي سنڌو پيرزادو جا وڙَ به وساري نه ٿا سگهجن.

سمبارا پبليڪيشن جي سموري سٽ سان گڏ ساجد سنڌيءَ جا به ٿورا جنهن منهنجي هن ٽئين خواب کي به سندر ساڀيان ارپي ۽ خاص پنهنجي ماڻهليءَ جو به شڪر گذار آهيان جنهن مون کي سپ ڪجهه ڏنو آهي.

مخمور رضا
ڪوري هوٽل داپہ چوڪ
ايئر پورٽ روڊ الله آباد
لاڙڪاڻو سنڌ
03004300687




www.sindhsalamat.com

# مخمور رضا ۽ وائي

وائي بنيادي طور تہ ڪلاسيڪل شاعريءَ جي صنف آهي پر جديد دؤر ۾ بہ عصري تقاضائن مطابق لکجي رهي آهي، شاعر جو ڪو دؤر ناهي هوندو، هو هر دؤر جو شاعر هوندو آهي، ۽ هر دؤر جا هُن جا همعصر شاعر هوندا آهن، ان ئي طرح هر سني شعر جو بہ ڪو دؤر ناهي هوندو، اهو بہ ساڳي طرح هر زماني جو شعر هوندو آهي.

وائي شاهہ سائينءَ ڪان بہ اڳ جي صنف آهي، پر شاهہ سائينءَ وائيءَ جي بي جان بت ۾ نئون ساهہ وڌو، سندس وايون پڙهي روح کي راحت ملندي آهي، اڪثر ڪري سندس واين ۾ صوفياڻو رنگ حاوي هوندو آهي

يار سڄڻ جي فراق، ڙِي جيڏيُون! آئُون مارِي!
ڏَرِ دوسَنِ جي ڪَئِين جو هوندا، مُون جيها مُشتاقَ؛
جاتي ڪاتي محبوبن جي، آه حُسنَ جِي هاڪَ؛
سُرمو سَهِي ڪر اَکين جو، خاص پِريان جي خاڪِ؛
عبداللّطِيفُ چئي، پرين اَسانجو هميشہ آ حُسناڪُ.

شاهہ سائين ڪان پوءِ سچل سرمست، روحل فقير، صوفي صادق، شاهہ شريف ٻاڏائي، قادر بخش، مصري شاهہ، حمل فقير ۽ ٻين ڪيترن ئي ڪلاسيڪل شاعرن وائي لکي آهي، جديد دؤر ۾ شيخ اياز سڀ ڪان وڌيڪ وايون لکيون، سندس ڪتاب "لڙيو سج لکن ۾" سندس واين جو خالص ڪتاب آهي. رحمت پيرزادي پنهجي مضمون "وائي شاهہ لطيف ڪان سعيد ميمڻ تائين" ۾ لکيو آهي تہ "انسان جنهن جڳهہ تي پنهنجو وجود وڃائي خواهش جي حاصلات لاءِ پاڻ کي پيش ڪري ٿو، وائي اتان شروع ٿئي ٿي." رحمت پيرزادي جو وائيءَ مطابق اِهو رايو پڙهي مان حيران ٿي ويس ۽ احساس ٿيو تہ هي وائيءَ متعلق اڄ جي نوجوان جو رايو آهي، هڪ بنهہ پراڻي



ڪلاسيڪل صنف تي جڏهن جديد دؤر جو ڪوئي شاعر راءِ ڏيندو ۽ اُن کي جديد اک سان ڏسندو تہ اهو رايو ائين چرڪائي ڇڏيندو آهي.

اڄ جڏهن مخمور رضا جي واين جي ڪتاب "صحرا جهڙا خواب" متعلق لکي رهي آهيان تہ تمام سٺو محسوس ڪريان پئي، اڄ جو نوجوان شاعر پنهنجي ڪلاسڪ سان ڪيڏو نہ سلهاڙيل آهي، مخمور رضا جا پهريان بہ غزلن جا بہ ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، مخمور جي شاعري جي خاص ڳالهہ سندس ڏيمو ۽ سادو لهجو آهي اگر مان چوان تہ هُن خود کي سدائين شهرت کان پري رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ڪنڊ ۾ ويهي پنهنجي شاعريءَ ۽ مطالعي ڏي توجهہ ڏني آهي تہ ان ۾ ڪو وڌاءَ نہ هوندو، مخمور رضا مشاعرن، پروگرامن، سيمينارن ۾ وڃڻ کان لهرائيندو آهي، ۽ لاڙڪاڻي کان پري وڃڻ تہ هن لاءِ جڻ ممڪن ئي ناهي هوندو، مخمور جي ڪُل ڪائنات سندس ننڍڙو دڪان آهي، گهر کان دڪان ۽ دڪان کان گهر وڃڻ جيتري ننڍڙي مفاصلي ۽ ننڍڙي ڪائنات ۾ مخمور شاعريءَ جي گونان گون جهان ۾ لهندو چڙهندو رهي ٿو، غزل بعد هاڻ وائي جهڙيءَ ڪلاسيڪل صنف تي سندس ڪتاب اچڻ ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ دڪان کان گهر ۽ گهر کان دڪان ويندڙ رستو مخمور لاءِ هڪ سرسبز ۽ شاداب پهاڙن تي ڦهليل ڪا وسيع زمين آهي، جتي سندس سوچ ڪنهن پهاڙي نار جيان آزاد ۽ مست الست جهومندي ٿي رهي.

ساهن سان محبوب جون
يادون چمندو هان
وضو ڳوڙهن سان ڪري

ڇيرل دل کي آس جا
تاڪا هٽندو هان
وضو ڳوڙهن سان ڪري

کيڏي نہ خوبصورت وائي آهي، جديد رنگ ۾ اهڙي وائي مون گهٽ ئي پڙهي آهي، ڳوڙهن سان وضو، پاڪيزگيءَ جو استعارو آهي ۽ محبوب جون يادون ٽٽل دل ۽ گهايل روح آهي جيڪو اڄ جي هر حساس ماڻهوءَ جي ڪهاڻي آهي، "آس جا ٽاڪا" پڻ اميد، آس ۽ دنيا کي positiveاک سان ڏسڻ جو استعارو آهي تہ ڪيڏيون بہ مايوس ڪندڙ حالتون هجن انسان کي اميد ۽ آس سُٽي رکڻ گهرجي، ۽ محبوب جي وصل لاءِ آس جو ٽاڪو دل ۾ موجود هجڻ ضروري آهي، جيئن شيخ اياز چيو هو:

اجان محبت مئي نہ آهي
سُئي بہ آهي سڳو بہ آهي
اجان تہ ياري ڪشيدا ڪاري
نئي اٽت جا پيار آهي

سندس هڪ ٻي وائي آهي

چمن منهنجي چپن کي ٽا
اکيرن مان سکيءَ جا ڳل،
ڏسي ڪمرو پيو مهڪي.

ٽٽن ٽيون چوڙيون ٻک ۾
۽ گجري مان ڇڻن ٽا گل
ڏسي ڪمرو پيو مهڪي

وصل ۾ سرشار شاعر کي محسوس ٿئي ٿو تہ ڄڻ ڪمرو بہ خوشيءَ ۾ مهڪي پيو آهي، سچ تہ ڪمري جي اک اسان جي ڏک سک ۽ اداسي ۾ سرشار سڀ جي ساٿي هوندي آهي جو چوڙين ۽ گجرن جو ٽٽي پوڻ وري وائيءَ جهڙي صنف ۾ ائين ڪم آڻڻ سچ تہ مخمور جو ئي ڪمال آهي، اهڙي شاندار وائي



لکڻ تي کيس مبارڪباد پيش ڪيان ٿي. نهايت سادن لفظن ۾ جذبن ۽ احساسن جو هڪ سمنڊ هن وائيءَ ۾ ڇوليون هڻندو نظر اچي ٿو. مخمور جي وائي "ڪنهن گهايل آهي ڪيو" ۾ اسان کي معاشري جا مختلف رويا نظر ايندا، اڄ جي دؤر جو درد، پيڙا ۽ سماج جي ٻي حسي بہ هن وائيءَ ۾ نظر اچي ٿي سچي وائي هڪ گهرو درد آهي جيڪو دل ۾ لهندو ٿو وڃي.

آئيندي جو عڪس
ڪنهن گهايل آهي ڪيو؟

سرخ وهيل رت روڊ تي
پڇي ٿو هر شخص
ڪنهن گهايل آهي ڪيو؟

هي بد نظرن سان ڇُهي،
رقاصہ جو رقص
ڪنهن گهايل آهي ڪيو؟

مان سمجهان ٿي جديد شاعريءَ جو بهترين مثال آهي مخمور جي هيءَ وائي جنهن ۾ صرف سنڌ ڌرتيءَ جي ڳالهہ ناهي پر اڄ جي دؤر ۽ سڄي دنيا ۽ سماج جو ذڪر آهي، مخمور نهايت خوبصورت وايون لکيون آهن جن ۾ شاعراڻو حسن، فن جو ڪمال، جذبن جو سچ، سماج جو آئينو، رقاصہ جو درد ۽ وائي جي خوبصورت گهاڙيٽي ۾ ڪيل تجربا سندس ڪتاب کي چار چنڊ لڳائي ڇڏين ٿا، صرف هڪ ئي صنف ۾ ڪتاب پڙهندڙ کي بور ڪري ڇڏيندو آهي پر مخمور جون وايون بار بار پڙهڻ سان نيون نيون دنيائون کڻي اچن ٿيون، جيڪي اسان جي دل کي سيراب ڪري من کي راحت جي پينگهہ تي لوڏي ڇڏين ٿيون،

پنھنجو خون ڪيان
چو ايئن چاھي وقت تو؟

کولي بوتل زھر جي
زم زم جيئن پيئان
چو ايئن چاھي وقت تو؟

ھڪ ٻي وائي

جيئڻ جان انسانن کان
خواب چنڻ وارا
توکي آدم ڪيئن چوان؟

مسجد، مندر، چرچ اندر
بم رکڻ وارا
توکي آدم ڪيئن چوان؟

ھڪ ٻي خوبصورت وائي ڏسو ڪيڏي نہ جدت آ ان ۾.

لمحو لمحو جڻ
ڊرامي جو ڪو سِينُ آ،

الجھيل سوچن ۾ ڪوي
چپ ۾ ڪمرو جڻ
ڊرامي جو ڪو سِينُ آ،

ڪوھيڙي جي ڏند ۾
ويندڙ پوڙھو جڻ
ڊرامي جو ڪو سِينُ آ،

ھن وائي ۾ منظر نگاري ڪمال جي آھي، سوچن ۾ گم ھڪ ماڻھو، خاموشي ۾ ڪمرو ھڪ مڪمل منظر جيڪو ڪيڏو نہ





اداس آھي ۽ وري ڪوھيڙي ۾ پوڙھو شخص جيڪو ڪڏھن ظاھر ۽ ڪڏھن غائب آھي، ھي سڀ جديد وائيءَ کي ڪمال تي رسائي تو ڇڏي، سندس وائي جو ھي بند ڪيڏو نہ خوبصورت آھي،

ڪڙيا ھن ساھہ ۾ جيڪي
انھن سڪ جي گلابن مان
سڳند ساڄن جي ايندي آ.

وائيءَ ۾ وراڻيءَ جي خاص اھميت ھوندي آھي، مخمور جي ھر وائيءَ جي وراڻي بہ وڻندڙ آھي جن ۾ نوان ۽ اڇوتا خيال نظر اچن ٿا، جن ۾ جدت سان گڏ احساس ۽ جذبو بہ آھي.اُھي سڄي وائيءَ جي ھر شعر جي مفھوم کي وڌيڪ واضح ڪن ٿيون،

مخمور جي ھڪ وائي ”پياري ڏاڏي ياد آ“ پڙھي مون کي پنھنجي ڏاڏي ياد اچي وئي، جيڪا پڻ پن جون ٻيڙيون ڇڪيندي ھئي، ھي وائي لکي تہ ڏاڏيءَ جي ياد ۾ وئي آ پر ٻھراڙيءَ جي خوبصورت عڪاسي ھن وائيءَ جو حسن وڌائي ڇڏي ٿي، ڳوٺاڻو ماحول ۽ ڳوٺ ۾ استعمال ٿيندڙ ٺيٺ سنڌي لفظ ھن وائيءَ کي املھ بڻائن ٿا، وائي ڏسو!

ڏُڌ ولوڙيندڙ
پياري ڏاڏي ياد آ

ڇڪي پن جون ٻيڙيون
جيءَ جھنجھوڙيندڙ
پياري ڏاڏي ياد آ

مخمور جي ھڪ ٻي وائي مثال طور ھتي ضرور ڏيندس، جنھن جو پھريون بند تہ ڪمال ئي آھي، تہ من ۾ ھرٽيءَ جھڙي اُڇل صحرا جھاڳيندي ٿي رھي،

كنهن لئہ جهاڳي ٿي اجان
هــرڻـــي انـــدر جـــي
صـحـرا جـهـڙا خـواب هـي

مخمور جي شاعريءَ ۾ جتي محبوب جو وصل، فراق، حسن، عشق، جستجوءِ فطرت جي خوبصورتي نظر ايندي آهي اُتي سندس شاعريءَ ۾ ديس ڌرتيءَ جو درد، پيڙا، ماڻهن جا ڏک، سورءِ غميون، خوشيون سڀ حساڪيون نظر ايـنديـون آهن، عورتن لاءِ بہ سندس شاعريءَ ۾ خاص جذبو هوندو آهي. هو عورت کي ڪنهن خوبصورت چيز وانگي سمجهي هن جي حسن جي رڳو تعريف ناهي ڪندو بلڪ معاشري ۾ عورتن سان جيڪو رويو آهي ان متعلق بہ هميشہ آواز اٿاريندو آهي، سندس ڇپيل ٻنهي ڪتابن ۾ اهڙا غزل موجود آهن، جيڪي عورتن تي ٿيندڙ ظلم بابت لکيا ويا آهن ۽ هاڻ واين جي هن نئين ڪتاب ۾ عورتن لاءِ پڻ سخت لهجي ۾ آواز اٿاريل آهي.

ڪـانـئر بـزدل جـي هـٿـان
ٽـڪـرا ٿـي مـرنـديـون
ڪـيـسـيـن ٻـاگـهـيـون ديـس جـون،؟

هيسيل هيسيل هر گهڙي
سـاهہ پـيـون ڪـٽـنـديـون
ڪـيـسـيـن ٻـاگـهـيـون ديـس جـون؟

مخمور رضا اڄڪلهہ نوجوانن شاعرن ۾ تمام گهڻو لکي رهيو آهي ۽ خاص ڳالهہ اِها آهي تہ هو تمام سٺو لکي رهيو آهي، نہ تہ عام طور تي گهڻ ئي معيار کي ڇيهو رسائيندي آهي پر مخمور خيال رکندو آهي تہ هو معياري ۽ سٺو لکي.
وائيءَ جهڙي صنف تي سندس ڪتاب سنڌي جديد


www.sindhsalamat.com

شاعريءَ جي ڪينواس کي نہ صرف وسيع ۽ خوبصورت بڻائي ٿو پر ڪلاسيڪل صنفن ڏانهن نوجوانن جو لاڙو پڻ سنڌي ادب لاءِ هڪ سٺو سوڻ آهي.
منهنجي دعا آهي تہ مخمور اهڙا ڪوڙ ڪتاب سنڌي ادب کي ارپيندو رهي، ۽ خدا تعاليٰ کيس سٺي صحت وڏي حياتي عطا فرمائي (آمين)

سنڌو پيرزادو


www.sindhsalamat.com

عرشن، فرشن ۾،
تون ئي تون آهين الله!.

پکين جي پرواز ۾،
پٽن، جبلن ۾،
تون ئي تون آهين الله!.

گل گل جي سرهاڻ ۾،
برپٽ، باغن ۾،
تون ئي تون آهين الله!.

تاري تاري ٿي چوي،
سائي پن پن ۾،
تون ئي تون آهين الله!.

چندر جي چانڊاڻ ۾،
سج جي ڪرڻن ۾،
تون ئي تون آهين الله!.

واچوڙن، طوفان ۾،
ندين، لهرن ۾،
تون ئي تون آهين الله!.

مسجد، مندر، چرچ ۾،
سيني روپن ۾،
تون ئي تون آهين الله!.

❑



صادق سروَر تي،
صلواتون من ٿو پڙهي.

سارِي مخلوقات جي،
هادي رهبر تي،
صلواتون من ٿو پڙهي.

مظلومن جي يار ۾،
شفيع محشر تي،
صلواتون من ٿو پڙهي.

روشن عالم ٿيو جتان،
افضل تنهن گهر تي،
صلواتون من ٿو پڙهي.

مهڪي ڏڪ ڏڪ ٿي پوي،
جنهن پل مطهر تي،
صلواتون من ٿو پڙهي.

بُري، بهتر شخص جي،
حامي، ناصر تي،
صلواتون من ٿو پڙهي.

❑

بيڪس جو نعرو،
مشڪل ڪُشا ياعلي ع.

ڪُل جو ڪُل ايمان ۽،
قرآن آ سارو،
مشڪل ڪُشا ياعلي ع.

مالڪ جو آ شير ۽،
احمد جو پيارو،
مشڪل ڪُشا ياعلي ع.

ڏيکاريندو آ سِڌو،
پٽڪيل کي چارو،
مشڪل ڪُشا ياعلي ع.

ڪندو پنهنجي راهه مان،
پرتي انڌيارو،
مشڪل ڪُشا ياعلي ع.

ٻُڏندڙ لئه مخمورا آ،
ڪُن ۾ ڪنّارو،
مشڪل ڪُشا ياعلي ع.

❒



اُمت ها سادات سان،
ڪِيسَ ڪيا ڪيڏا،
ڪربل جي ميدان ۾.

فروه ع هوندا ڪيئن
ڏٺا؟
قاسم ع جا ٽڪرا،
ڪربل جي ميدان ۾.

تڙپائي ماريا ويا،
نبيءَ جا ٻچڙا،
ڪربل جي ميدان ۾.

سيکاري ويو قاعدا،
صابرُ جيئڻ جا،
ڪربل جي ميدان ۾.

ٻاري آ ويو قافلو،
اونده ۾ ڏيئا،
ڪربل جي ميدان ۾.

وحشت کي مخمورا آ،
هارايو مولا،
ڪربل جي ميدان ۾.

❒

منهنجو آ سنسار،
تنهنجي صدقي اي امان!.

منهنجا سپنا ٿو ڪري،
سايان پالڻهار،
تنهنجي صدقي اي امان!.

ويندو آ ناڪام ٿي،
دشمن جو هر وار،
تنهنجي صدقي اي امان!.

مون ڪوجهي ڪي هي سچو،
سونهي ٿو سينگار،
تنهنجي صدقي اي امان!.

مون ماڻيو هن ديس جو،
هيڏو سارو پيار،
تنهنجي صدقي اي امان!.

ٻڻجي ويندو سَهنجڙو،
هر رستو دشوار،
تنهنجي صدقي اي امان!.

❒


www.sindhsalamat.com

وائيون

ڪنهن لئہ جهاڳي ٿِي اجان؟
هرڻي اندر جِي،
صحرا جهڙا خوابَ هي.

جيسين پهچين تون پرين!،
ويندا رولي پِي،
صحرا جهڙا خواب هي.

دل منهنجيءَ جو خُونُ ويا،
سارو آهن پِي،
صحرا جهڙا خوابَ هي.

پهچائيندا، پاڻ کي،
شايد دنيا ٻِي،
صحرا جهڙا خوابَ هي.

چو مون کي هن پنڌ تي؟،
ڏيجُ ڏنئہ جيجي!،
صحرا جهڙا خوابَ هي.

❒



www.sindhsalamat.com

ساهن سان محبوب جون،
يادون چمندو هان،
وضو ڳوڙهن سان ڪري.

چيريل دل ڪي آس جا،
ٽاڪا هڻندو هان،
وضو ڳوڙهن سان ڪري.

روز تلاوت درد جي،
تڙپي ڪندو هان،
وضو ڳوڙهن سان ڪري.

خوشبوءَ تي مان عشق جا،
نغما لکندو هان،
وضو ڳوڙهن سان ڪري.

نينهن نمازون موهه جون،
من ۾ پڙهندو هان،
وضو ڳوڙهن سان ڪري.

ڌرتيءَ لئہ مصلي مٿان،
دعائون گهرندو هان،
وضو ڳوڙهن سان ڪري.

آنءُ رسالو شاهه جو،
سُرَ سان پڙهندو هان،
وضو ڳوڙهن سان ڪري.

❑



ڪا تعزير پڏاءِ،
منصف! منهنجو عرض آ.

سُک چاهڻ جي ڏوهه ۾،
دڪن منجهه جلاءِ،
منصف! منهنجو عرض آ.

سک لڳي آ موت جي،
جيون جلد ڪٽاءِ،
منصف! منهنجو عرض آ.

ساگر منهنجي ساهه جو،
صحرا جيئن سُڪاءِ،
منصف! منهنجو عرض آ.

ڍاهي مرڪن جا محل،
مون کي دشت بڻاءِ،
منصف! منهنجو عرض آ.

جنت مان ٻاهر ڪڍي،
دوزخ ۾ اُڇلاءِ،
منصف! منهنجو عرض آ.

❑

آئيندي جو عڪسُ،
ڪنهن گهايل آهي ڪيو؟.

سرخ وهيل رتُ روڊ تي،
پُڇي ٿو هر شخص،
ڪنهن گهايل آهي ڪيو؟.

قلم هٿن مان ڪسي،
ڳيروءَ کي ڏئي چرس،
ڪنهن گهايل آهي ڪيو؟.

لڄ لُٽي ڪنهن حور جي،
انسانيت جو درس،
ڪنهن گهايل آهي ڪيو؟.

هي بد نظرن سان ڇُهي،
رقاصه جو رقص،
ڪنهن گهايل آهي ڪيو؟.

ڌرتيءَ جي هر خواب کي،
بڻجي هيئن بي ترس،
ڪنهن گهايل آهي ڪيو؟.

❐



لمحو لمحو ڇڻ،
ڊرامي جو ڪو سِينُ آ.

ماڻهو، ماڻهوءَ جو سفر،
هڪڙي پل جو ڇڻ،
ڊرامي جو ڪو سِينُ آ.

اُلجهل سوچن ۾ ڪوي،
چُپ ۽ ڪمرو ڇڻ،
ڊرامي جو ڪو سِينُ آ.

سرتي! تنهنجي سونهن جو،
جلوو ڇڻ،
ڊرامي جو ڪو سِينُ آ.

ڪوهيڙي جي ڌُند ۾،
ويندڙ پوڙهو ڇڻ،
ڊرامي جو ڪو سِينُ آ.

منهنجي هِن تقدير جو،
ٽُڪرا نقشو ڇڻ،
ڊرامي جو ڪو سِينُ آ.

ايئن لڳي مخمور! تو،
جڳ جو چرخو ڇڻ،
ڊرامي جو ڪو سِينُ آ.

❐

ڇُمن منھنجي چپن کي ٿا،
اُڪيرن سان سڪيءَ جا ڳلَ،
ڏِسي ڪمرو پيو مھڪي.

ڇُھون ھڪ ٻي کي ٿا ڌپ ۾،
متان ڪائي نہ ٿي پئي ڀُلَ،
ڏِسي ڪمرو پيو مھڪي.

وصل جي آجياڻي ۾،
نچي جذبا ڏِيَن ٿا ٻُلَ،
ڏِسي ڪمرو پيو مھڪي.

ٽٽن ٽيون چوڙيون ٻڪ ۾،
۽ گجري مان ڇڻن ٿا گُلَ،
ڏِسي ڪمرو پيو مھڪي.

بلب جا نيڻ ٻوٽيل ھِن،
ٻرن ٿا چاھتن جا پَلَ،
ڏِسي ڪمرو پيو مھڪي.

❐



ڇُمندي مِٽي سنڌ جي،
دل جي ڌڙڪن ۾،
ٻَرجي ويندا رنگَ ھِن.

ھُن جا مھڪيل پلَ ڏِسي،
سُرھا ساھن ۾،
ٻَرجي ويندا رنگَ ھِن.

ماٽيندو جو پيار آ،
تنھن جي لمحن ۾،
ٻَرجي ويندا رنگَ ھِن.

توکي ڇُھندي اپسرا!،
منھنجي جوين ۾،
ٻَرجي ويندا رنگَ ھِن.

ساري برکا مند کي،
اُجرن جذبن ۾،
ٻَرجي ويندا رنگَ ھِن.

ڳائيندي آ ھوءَ جڏھن،
منھنجي ڳيچن ۾،
ٻَرجي ويندا رنگَ ھِن.

❐

اندر جي ٻولي،
جيڪر پُرجهي آدمي.

خود ئي پنهنجي ذات آ،
هر جُڳَ ۾ رولي،
جيڪر پُرجهي آدمي.

ناهي پنهنجي واٽ ڪا،
اجان ڪنهن ڳولي،
جيڪر پُرجهي آدمي.

اُوچي آهي عرش ڪان،
عشق سندي لولي،
جيڪر پُرجهي آدمي.

ننگي ننگي روح لئہ،
چاهت آ چولي،
جيڪر پُرجهي آدمي.

قيدي آهيون پاڻ ۾،
هيءَ دنيا ڪولي،
جيڪر پُرجهي آدمي.

❒



ڦٽَ جيان ڪُرندو،
تنهنجو! مون ۾ خواب آ.

ٻڏجي ٻنسي موهہ جي،
روز پيو ٻُرندو،
تنهنجو! مون ۾ خواب آ.

مهين جي آثار جيئن،
پل پل پيو جُهرندو،
تنهنجو! مون ۾ خواب آ.

روز نئين سِر ڊوليا!،
جُڙندو ۽ پُرندو،
تنهنجو مون ۾ خواب آ.

ازلئون ئي مخمور! چڙ،
ساهن جيئن چُرندو،
تنهنجو مون ۾ خواب آ.

❒

آخر رڳجي رتُ سان،
لائون هيئن لهنديون،
ڪيسين ٻاگهيون ديس جون؟

ڪانئرَ بُزدل جي هٿان،
ٽڪرا ٿي مرنديون،
ڪيسين ٻاگهيون ديس جون؟

حوَسِ جي بازار ۾،
ننگيون ٿي ڪپنديون،
ڪيسين ٻاگهيون ديس جون؟

مردن جي هِن راڄ ۾،
نوڪر ٿي رهنديون،
ڪيسين ٻاگهيون ديس جون؟

هيسيلُ هيسيلُ هر گهڙي،
ساهه پيون ڪٽنديون،
ڪيسين ٻاگهيون ديس جون؟

بندش جي درياهه ۾،
ترنديون ۽ ٻُڏنديون،
ڪيسين ٻاگهيون ديس جون؟

مُرڪون لبڙن تي رکي،
اندر ۾ روئنديون،
ڪيسين ٻاگهيون ديس جون؟

❐



ميرا هاسين، چنڊ جيئن،
نڪري آياسين،
پوپٽڙيءَ جي پريم ۾.

غوطا کائي، سمنڊَ ڪئي،
اُڪري آياسين،
پوپٽڙيءَ جي پريم ۾.

سهٽا سپنا پَرَ ڪري،
اُڏري آياسين،
پوپٽڙيءَ جي پريم ۾.

دنيا جي گدلاڻ مان،
نڪري آياسين،
پوپٽڙيءَ جي پريم ۾.

ٿاندا ٿاندا راهه هئي،
گذري آياسين،
پوپٽڙيءَ جي پريم ۾.

اُوکايون سڀ مرڪندي،
نبري آياسين،
پوپٽڙيءَ جي پريم ۾.

❐

جيــــونُ دردن جـــي،
آهي متيءَ مان نهيلُ.

ماڻهو هي جڻ تو لڳي،
سهڻن سپنن جي،
آهي متيءَ مان نهيلُ.

ڪيئن چاهيندو امن، سو،
جيڪو فتنن جي،
آهي متيءَ مان نهيلُ.

نچڻي، نچڻيءَ جو بدن،
ڇا ڪنهن ڇن ڇن جي،؟
آهي متيءَ مان نهيلُ.

رشتو پنهنجي پيار جو،
نازڪ رنگن جي،
آهي متيءَ مان نهيلُ.

پنهنجو پاڳل هينئڙو،
شايد صدمن جي،
آهي متيءَ مان نهيلُ.

دل جو هيءُ مجسمو،
ها احساسن جي،
آهي متيءَ مان نهيلُ.

❑


www.sindhsalamat.com

دل جا ڪولي پَرَ،
اُڏندسُ نئين انداز سان.

ٽوڙي پڃرو ڇُهنب سان،
ڏيڪاري جوهرَ،
اُڏندسُ نئين انداز سان.

ڏسجان توڪان پي متي،
نازن سان امبرَا،
اُڏندسُ نئين انداز سان.

بسمل ڪر پل هيل اي!،
ڳهاءَ سڀي پيهرَ،
اُڏندسُ نئين انداز سان.

وحشت کي ڏئي مات مان،
تو جيئن قلندرَا،
اُڏندسُ نئين انداز سان.

پائي پرڙا پيار جا،
خوابن لئه دلبرَا!
اُڏندسُ نئين انداز سان.

❑



www.sindhsalamat.com

کنهن کي ڳوليندي هتي،
پهتو آن تاسا،
پُڇي ريگستان تو.

کهڙي رستي سان لڳئي،
پيرن ۾ کندا،
پُڇي ريگستان تو.

ڇڏي وَسندي ڇو هتي،
کوڙين تو خيما،
پُڇي ريگستان تو.

ڏوري هيڏا پند هي،
ٿکو ناهي ڇا،
پُڇي ريگستان تو.

کهڙي ڏک ۾ آن ٻٽيو،
مون وانگر صحرا،
پُڇي ريگستان تو.

ڇا لئه پلکن جي پٺيان،
روکيا ٿي ڳوڙها،
پُڇي ريگستان تو.

❒



وڻ، ٻنيون، ٻارا،
مون پي لاريءَ مان ڏٺا.

پورهيت اُس ۾ پيٽ لئه،
کن پيا لابارا،
مون پي لاريءَ مان ڏٺا.

ڪاٺيون جهونا پيا کڻن،
ٿاک منجهند ڏارا،
مون پي لاريءَ مان ڏٺا.

من موهيندڙ ديس جا،
منظر هئا سارا،
مون پي لاريءَ مان ڏٺا.

راندين ۾ مشغول ها،
ڌرتيءَ جا تارا،
مون پي لاريءَ مان ڏٺا.

ويندڙ هُن جي ڳوٺ ڏي،
حسرت مان چارا،
مون پي لاريءَ مان ڏٺا.

❒

ويندو لمحي ۾ هتي،
ماڻهو تي راڪاس،
ڪرسيءَ جي آلوپ ۾.

ٽوڙيو ويندو روز هٿ،
ڌرتيءَ جو وشواس،
ڪرسيءَ جي آلوپ ۾.

مظلومن جي جسم تان،
ظالم روڙيو ماس،
ڪرسيءَ جي آلوپ ۾.

قاتل بم سان شهر کي،
ساڙي ڪيو بنواس،
ڪرسيءَ جي آلوپ ۾.

رنگيو رت سان بي وڙي،
امڙين جو احساس،
ڪرسيءَ جي آلوپ ۾.

ٻچڙي پنهنجي قوم کي،
ڏاڙهيو ٿِي بي قياس،
ڪرسيءَ جي آلوپ ۾.

❐



آکيرين کي باهه ڏئي،
ساڙيو چا لئه تا،
پکين پي دانهون ڪيون.

ڪتي پرڙا قيد ۾،
واڙيو چا لئه تا،
پکين پي دانهون ڪيون.

بندوقون هٿ ۾ کڻي،
تاڙيو چا لئه تا،
پکين پي دانهون ڪيون.

گولين سان نازڪ جسم،
ڦاڙيو چا لئه تا،
پکين پي دانهون ڪيون.

پيڙائن جي پنڌ ڏي،
لاڙيو چا لئه تا،
پکين پي دانهون ڪيون.

❐

من جي زنگيل آرزو،
پيهر جرڪائي،
حُور وئي هڪ لاڙ جي.

ريڪائون تقدير جون،
ساريون بدلائي،
حُور وئي هڪ لاڙ جي.

ماٺ صدين ڪان جا هُئي،
سا دل ڌڙڪائي،
حُور وئي هڪ لاڙ جي.

جنت جهڙي خواب تي،
جيون هرڪائي،
حُور وئي هڪ لاڙ جي.

منهنجون آنچل ۾ پئي،
اکڙيون ڦاسائي،
حُور وئي هڪ لاڙ جي.

منهنجي هينئڙي جي رضا،
موسم مهڪائي،
حُور وئي هڪ لاڙ جي.
❐



آڳنڊ سندي هير،
ساري گهر جا فرد تي.

بند ڪمري ۾ ڪا لڳل،
دز هاڻي تصوير،
ساري گهر جا فرد تي

ڪونئَر پرسان مينهن بن،
زنگيل ڪا زنجير،
ساري گهر جا فرد تي.

ڪوريئڙن جي تند سان،
ڇت ۾ ٿيل تعمير،
ساري گهر جا فرد تي.

سامان تي دز پيل،
روئي رت جا نير،
ساري گهر جا فرد تي.

اجڙي وئي مخمور! جا،
گهر جي سا تقدير،
ساري گهر جا فرد تي.
❐

پاڙي ۾ محبوب جي،
مان پنهنجو لاشو،
دفنايان ٿو مرڪندي.

من جي قبرستان ۾،
گهاءُ ڪٽي گِهرو،
دفنايان ٿو مرڪندي.

لڙڪن جي آلاڻ سان،
سڪ جو گلدستو،
دفنايان ٿو مرڪندي.

پوپٽ ڪوٺي آ قبر،
گلشن ۾ گلڙو،
دفنايان ٿو مرڪندي.

مجبوريءَ ۾ پريت جو،
زندهه هر سپنو،
دفنايان ٿو مرڪندي.

دل ۾ هر هڪ عيب مان،
پنهنجي يارن جو،
دفنايان ٿو مرڪندي.

❐



رَسو پَڪي ۾ ٻَڌي،
خود کي ماري ٿو،
ڪمري ۾ هڪ آدمي.

صدين ڪان ڪنهن ياد جي،
سانگي گهاري ٿو،
ڪمري ۾ هڪ آدمي.

اوڪا دوڪا وقت جا،
تڙپي ساري ٿو،
ڪمري ۾ هڪ آدمي.

اندر ۾ فانوس کي،
سڪ جا ٻاري ٿو،
ڪمري ۾ هڪ آدمي.

خود سان اُوري حال خود،
آڏيءَ ڏاري ٿو،
ڪمري ۾ هڪ آدمي.

مُنهن تي وِهاڻو رکي.
ڳوڙها هاري ٿو،
ڪمري ۾ هڪ آدمي.

❐

ڪاري ڪاري راھ ۾،
راھي دل ٻاري،
پهتا پنهنجي ماڳ تي.

پير وڃائي سياحَ سڀ،
شام شفق ڏاري،
پهتا پنهنجي ماڳ تي.

مون ڪي ٻوڙي يار ها،
ٻيڙيءَ ڪي تاري،
پهتا پنهنجي ماڳ تي.

سپنا ننڊڙي ڪِوِلِ جا،
پاھڙ ڪي ڏاري،
پهتا پنهنجي ماڳ تي.

هر مشڪل ڪي راھ ۾،
رمتا ڏيچاري،
پهتا پنهنجي ماڳ تي.

مرڪي جوڏا ديس تان،
جانِين ڪي واري،
پهتا پنهنجي ماڳ تي.

❐



وايون

آزادي ملندي،
زندھ هي ويساھ آ.

جنت جهڙي هوبهو،
ڪا وادي ملندي،
زندھ هي ويساھ آ.

امبر جيڏي زندگي،
ڪُشادي ملندي،
زندھ هي ويساھ آ.

ڪوٺي ڪي هر دؤر ۾،
بربادي ملندي،
زندھ هي ويساھ آ.

سوڊي جيئن مخمور ڪي،
شهزادي ملندي،
زندھ هي ويساھ آ.

❐

منهنجي گهر جو واءُ،
۽ دل جو پڙلاءُ،
ڪُرلائي ٿو هوت لئه.

آڌي آڌي رات جو،
جاڳي هر ڪهڪاءُ،
ڪُرلائي ٿو هوت لئه.

ڪونج جيان هي هينئڙو،
منهنجِي جيجل ماءُ!،
ڪُرلائي ٿو هوت لئه.

سسئيءَ وانگر درد مان،
ساهن جو سوداءُ،
ڪُرلائي ٿو هوت لئه.

مونکي پاڪر ۾ پري،
ڏونگر جيڏو ڪاءُ،
ڪُرلائي ٿو هوت لئه.

مدت کان مخمور پيو،
دل جو گهرو گهاءُ،
ڪُرلائي ٿو هوت لئه،
❒

ڪاءُ.. غم، ڏک



منهنجو من ۾ ماس،
ڪائي ويئي مُفلسي.

دل جوڙيو هو پيار سان،
سپنن جو آڪاس،
ڪائي ويئي مُفلسي.

ڏانئڻ وانگر آ لڪي،
خوشين جو اناس،
ڪائي ويئي مُفلسي.

تنهنجي دنيا ۾ خدا!،
جيئڻ جو احساس،
ڪائي ويئي مُفلسي.

مرڪون منهنجون مرڪندڙ،
چڙ ڪو ٿي راڪاس،
ڪائي ويئي مُفلسي.

مهڪيل جوين جو رضا!،
سُرهو سُرهو واس،
ڪائي ويئي مُفلسي.
❒

آءُ! ستارن تي،
نغما ڳايون نينهن جا.

جيڪر ساري زندگي،
دل جي چارن تي،
نغما ڳايون نينهن جا.

دل چاهي ٿي هيج جي،
رنگ نيارن تي،
نغما ڳايون نينهن جا.

ڇيريون پائي عشق جون،
ڍول! نغارن تي،
نغما ڳايون نينهن جا.

آءُ ڳجهارت وانگيان،
مام اشارن تي،
نغما ڳايون نينهن جا!.

ياڪر ۾ مخمور ٿي،
سمنڊ ڪنارن تي،
نغما ڳايون نينهن جا!.

❐



جاڳ ۾ سپنا ڏسين،
ڇِلوِلي! ڪنهن لاءِ ٿي؟.

چاهه جي رابيل جي،
ساهه ۾ خوشبو رکين،
ڇِلوِلي! ڪنهن لاءِ ٿي؟.

دل ڇِٽي رومال تي،
پريتڻو تنهن ۾ پرين،
ڇِلوِلي! ڪنهن لاءِ ٿي؟.

سير ۾ سهڻيءَ جيان،
بي پئي بڻجي لهين،
ڇِلوِلي! ڪنهن لاءِ ٿي؟.

حوصلا رُڪ جا ڪري،
لوڪ ساري سان وڙهين،
ڇِلوِلي! ڪنهن لاءِ ٿي؟.

خواهشن جا پَرَ پڌي،
عشق جي اُپ تي اُڏين،
ڇِلوِلي! ڪنهن لاءِ ٿي؟.

❐

شاهد رهندا درد هي،
جهونا وياسي تي،
جوين ماڻ ڪان اڳي.

جيجل جي آ آس چو؟
چڏيو زهر پي،
جوين ماڻن ڪان اڳي.

ڪهڙي ظالم آ چڏي،؟
سُهڻي ڪونج ڪُهي،
جوين ماڻ ڪان اڳي.

پتيون تي وڪري وئي،
ڪومل ڪا مڪڙي
جوين ماڻن ڪان اڳي.

هيءَ ڪهڙي هُرڪُر ملي،
دل ڪي دردن جي،
جوين ماڻن ڪان اڳي.

❐



منهنجو موهڻ لاءِ من،
سندر تجلا ڏِين،
تنهنجا والا تا سکي!.

تون منهنجي آهين صرف،
شايد ايئن چون،
تنهنجا والا تا سکي!.

ڪڪڙن زلفن مان لِڪي،
نازن ساڻ ڏسن،
تنهنجا والا تا سکي!.

تون ڳائين تي ڳيچڙو،
ءِ هو جهمريون ڪن،
تنهنجا والا تا سکي!.

مون ڪي ساڙڻ لاءِ ئي،
تنهنجا ڳل چمن،
تنهنجا والا تا سکي!.

تون مرڪين پئي هي دعا،
سوَ سوَ وار گهرن،
تنهنجا والا تا سکي!.

❐

ڇم ڇم ڪندي ڇير سان،
ڪُڏندي ۽ نچندي،
سمبارا ڪاڏي وئي؟.

استوپا غمگين آ،
مهين مان روئندي،
سمبارا ڪاڏي وئي؟.

بلڪل ننگي چنڊ جيئن،
وحشين کان لِڪندي،
سمبارا ڪاڏي وئي؟.

هيسيل هرڻيءَ وانگيان،
خوفن ۾ ڊُڪندي،
سمبارا ڪاڏي وئي؟.

ڪوجاڙي ئي ڪونہ ٿو،
ڇولين جيئن ڇُلندي،
سمبارا ڪاڏي وئي؟.

تنهايون من ۾ رکي،
ميلن مان لنگهندي،
سمبارا ڪاڏي وئي؟.

اندر جي ڪنهن درد ۾،
ڳاج جيان ڳجندي،
سمبارا ڪاڏي وئي؟.

❐



پنبڻين سان هر راهہ مان،
ڪنڊا ميڙينديسِ،
البيلي ڇِتِ ڇور لئہ.

خود سان پيي هر مُند ۾،
پل پل جهيڙينديسِ،
البيلي ڇِتِ ڇور لئہ.

انگ انگ ۾ مان چاهہ سان،
پيار پکيڙينديسِ،
البيلي ڇِتِ ڇور لئہ.

بنجر ڌرتي موهہ جي،
هَرُ ٿي کيڙينديسِ،
البيلي ڇِتِ ڇور لئہ.

مڌُر نغما نينهن جا،
ور ور ڇيڙينديسِ،
البيلي ڇِتِ ڇور لئہ.

دل جي شڪتيءَ سان پئي،
ڏونگر ٽيڙينديسِ،
البيلي ڇِتِ ڇور لئہ.

تارن جهڙا جرڪندڙ،
خواب سهيڙينديسِ،
البيلي ڇِتِ ڇور لئہ.

❐

موهہ جي ميندي هٽي،
روح تا لائون لهن،
پيار جي آڪاس تي.

هل! هلي گڏجي ڏسئون،
ڪيئن تا جهرڻا وهن،
پيار جي آڪاس تي.

تي ستارا تا وچن،
جي اڏي گهر تا رهن،
پيار جي آڪاس تي.

ڪُپتن جا پيشوا،
ڪو نہ تا سچ ۾ ٿهن،
پيار جي آڪاس تي.

ماريا ويندا پکي،
روز ڇو مخمور! هن؟،
پيار جي آڪاس تي.

❐


www.sindhsalamat.com

تنهنجي! دل جي محل جو،
آڳند يا ڪو درُ،
جيڪر مان بڻجي وڃان.

تنهنجو! ڪنگڻ، هار يا،
ماتي جو جهومرُ،
جيڪر مان بڻجي وڃان.

پياسي تنهنجي! روح لئہ،
زم زم يا ساگرُ،
جيڪر مان بڻجي وڃان.

تنهنجي پير! رولاڪ هِن،
سپنن لئہ ڪو گهرُ،
جيڪر مان بڻجي وڃان.

تنهنجي! ٿڪن لاءِ ڪو،
چاهي دل جوڪرُ،
جيڪر مان بڻجي وڃان.

نيلم ۽ مرجان جيئن،
اڻ ملهہ ڪو گوهرُ،
جيڪر مان بڻجي وڃان

❐


www.sindhsalamat.com

مٽي ڳوهي اُن منجهان،
رانديڪا ٺاهيان،
ننڍڙپڻ موٽي جي ملي.

پٽرن سان ٻيرِين منجهان،
ٻيرن کي لاهيان.
ننڍڙپڻ موٽي جي ملي.

ڪينچيءَ سان ڪليون ڪَٽي،
لغڙيون کي ٺاهيان،
ننڍڙپڻ موٽي جي ملي.

وڏي ٽيڻ جا جيءَ مان،
سپنا سڀ ڍاهيان،
ننڍڙپڻ موٽي جي ملي.

پير اُگهاڙي ڳوٺ ۾،
ڦيٽو ڪو واهيان،
ننڍڙپڻ موٽي جي ملي.

زوريءَ وينجهاري امڙ،
ايئن پيو چاهيان،
ننڍڙپڻ موٽي جي ملي.

ٻيڙيون ٺاهي ڪاغذي،
نديءَ ۾ لاهيان،
ننڍڙپڻ موٽي جي ملي.

❑



نيري ساڙهيءَ ۾ نچي،
ڪيڏو ٿا ٻهڪن،
گنبذ گوريءَ جا

جوين جي جر ۾ لُڇي،
ڪنهن لئہ ٿا تڙپن؟
گنبذ گوريءَ جا.

سَنهڙي ڪُڙتي مان پيا،
حرڪت ساڻ ڏسن،
گنبذ گوريءَ جا.

اکيون پائي چڻ تہ ڪو،
اشارا ٿا ڪن،
گنبذ گوريءَ جا.

گدلا خلل ٿا ڇُلي،
نِيَت منجهہ وجهن،
گنبذ گوريءَ جا.

ڇُهڻ سان مخمورا ٿا،
وچونءَ جيئن ڏنگن،
گنبذ گوريءَ جا.

❑

اکين کي اڄ بہ خوابن مان،
سڳند ساڄن جي ايندي آ.

ڪڙيا هِن ساهہ ۾ جيڪي،
انهن سڪ جي گلابن مان،
سڳند ساڄن جي ايندي آ.

رکيل صندوق ۾ ڪُهنِين،
نشانين ۽ نقابن مان،
سڳند ساڄن جي ايندي آ.

ڪڏهن خوشين جي هيرُن ۾،
ڪڏهن ڏک جي عذابن مان،
سڳند ساڄن جي ايندي آ.

پڙهيا هُن ها جي هاسٽل ۾،
انهن اڻ ملهہ ڪتابن مان،
سڳند ساڄن جي ايندي آ.

ڪڏهن احساس ٽڌڙن ۾،
ڪڏهن جذبن جي تابن مان،
سڳند ساڄن جي ايندي آ.

❒



منهنجي ساهن ۾ اچي،
ڍولڻ! تون رهجان،
خوشبو بڻجي پريت جي.

نيڻن جون ڳليون لنگهي،
دلڙيءَ ڏي اچجان،
خوشبو بڻجي پريت جي!.

منهنجي قسمت ڏي سکي!،
ٻيهر پي ورجان،
خوشبو بڻجي پريت جي.

وڇڙڻ کان پو ياد سان،
مون کي پئي چُمجان،
خوشبو بڻجي پريت جي!.

رشتو پوپٽ گل جيان،
مون سان کو رکجان،
خوشبو بڻجي پريت جي!.

نفرت جي بدبوءِ کي،
مات ڏئي ڇڏجان،
خوشبو بڻجي پريت جي!.

❒

ايئن نہ منھنجي راھہ ۾،
پڳلي! ساھہ وڃاءِ،
افسانہ ويندا جُڙي.

پلويڙي تان واءَ ۾،
چُمين کي نہ اُڏاءِ!،
افسانہ ويندا جُڙي.

منھنجي نالي جو ڳلي،
ھار نہ سھٽي! پاءِ،
افسانہ ويندا جُڙي.

مان تنھنجو ڇا ٿو لڳان،
دنيا کي نہ ٻُڌاءِ،
افسانہ ويندا جُڙي!.

ھر محفل ھر بزم ۾،
منھنجا ڳڻ نہ ڳاءِ،
افسانہ ويندا جُڙي!.

ايئن نہ منھنجي عڪس کي،
نيڻن منجھہ لڪاءِ،
افسانہ ويندا جُڙي!.

❒



احساس کي ڇھڪ ڏئي،
خون ڪرڻ وارا،
توکي! آدم ڪيئن چوان؟.

جيئڻ جا انسانن کان،
خواب ڇنڻ وارا،
توکي! آدم ڪيئن چوان؟.

ساڙي ماڻھن جا گھرڙا،
خوش ٿيڻ وارا،
توکي! آدم ڪيئن چوان؟.

مسجد، مندر، چرچ اندر،
بم رکڻ وارا،
توکي! آدم ڪيئن چوان؟.

وحشت وارين نظرن سان،
لڄ تڪڻ وارا،
توکي! آدم ڪيئن چوان؟.

اُجري پوتر رشتي تي،
داغ ھڻڻ وارا،
توکي! آدم ڪيئن چوان؟.

❒

تنهائيءَ جي ڪنڌ تي،
رکي سِرُ روئندي،
منهنجي آ مغموم دل.

ٻاهر نڪري جسم مان،
تنهنجو! دڳ ڏسندي،
منهنجي آ مغموم دل.

ڪُرڙي جر جي لاءِ جيئن،
تو لئه! ايئن لُڇندي،
منهنجي آ مغموم دل.

توکان! پو مڙئي سبب،
ٿاهي پئي وڙهندي،
منهنجي آ مغموم دل.

چيريون دردن جون ٻڌي،
سيني ۾ نچندي،
منهنجي آ مغموم دل.

تنهنجي! يادن سان ٻکي،
ساهه پئي ڪٽندي،
منهنجي آ مغموم دل.

❒





جيئري دردن جو ڪفن،
دل ڪي پارايو،
ٻُوليءَ واريءَ پيار ۾.

هر نازڪ احساس کي،
وڍَ ڏئي تڙپايو.
ٻُوليءَ واريءَ پيار ۾.

سورن سندو مينهڙو،
دل تي برسايو،
ٻُوليءَ واريءَ پيار ۾.

منهنجي خوشين جون فصل،
هت سان پيلايو،
ٻُوليءَ واريءَ پيار ۾.

اُونهي ڪاهيءَ ۾ ڏِڪو،
ڏيئي ڪيرايو،
ٻُوليءَ واريءَ پيار ۾.

پاڳل مون مخمور سان،
مَنُ پي وندرايو،
ٻُوليءَ واريءَ پيار ۾.

❒

بي چينيءَ جي مند ۾،
راحت ٻُڏجي اڄ،
سُنهُن ٿئيِاِن سونهَن جو!.

منهنجي هر احساس ۾،
رنگن وانگر رڃ،
سُنهُن ٿئيِاِن سونهَن جو!.

منهنجي دل جي ڪيت ۾،
پيرون ٻُڏجي پڇ،
سُنهُن ٿئيِاِن سونهَن جو!.

پيالو پي ڪو پريت جو،
درد وساري نچ،
سُنهُن ٿئيِاِن سونهَن جو!.

ايئن نہ ڇڏ اڌ واٽ تي،
پنڌ اڃان آ ڳچ،
سُنهُن ٿئيِاِن سونهَن جو!.

❒



موتي جيئن مهڪي،
لئون لائيندس يار سان.

ڪوهن جهڙي پنڌ تي،
سسئيءَ جيئن سهڪي،
لئون لائيندس يار سان.

راحت پريي رقص ۾،
چيرين جان چمڪي،
لئون لائيندس يار سان.

اندر جي اُونداهہ ۾،
چنڊ جيان چمڪي،
لئون لائيندس يار سان.

ڳوڙها اُگهي جيءَ جا،
ٽانڊن تي مرڪي،
لئون لائيندس يار سان.

پتر هان مخمور! پر،
دل وانگر ڌڙڪي،
لئون لائيندس يار سان.

❒

ريتن، رسمن ۾ وئي،
بڻجي ريگستان،
گلشن جهڙي ڇوڪري.

آباديءَ جي خواب ۾،
ويئي ٿي ويران،
گلشن جهڙي ڇوڪري.

سانديو ويٺي آ اجان،
مالهيءَ جو ارمان،
گلشن جهڙي ڇوڪري.

ڪنيي ويو ڪو پُٽَ لڳل،
سج لٿي دوران،
گلشن جهڙي ڇوڪري.

گهر ڪان نڪتي ويس ۾،
موٽي ٿي عريان،
گلشن جهڙي ڇوڪري.

پاڻ ٻہ پنهنجي سونهن تي،
جڳ جان آ حيران،
گلشن جهڙي ڇوڪري.

❒





پريل هي ويسَ پائين ٿي،
۽ سُرخيون ڪنهن لئہ لائين ٿي،
پُڇي ٿي آرسي هُن ڪان.

سدا غمگين رهندڙ ڇو؟
اچانڪ مسڪرائين ٿي،
پُڇي ٿي آرسي هُن ڪان.

ڪو اچڻو خاص آ ڇا؟، جو
ڪڪائون گهر سجائين ٿي،
پُڇي ٿي آرسي هُن ڪان.

اُٿي نيڻن ۾ چاهت ڪي،
لِيا در ڪان ڇو پائين ٿي،
پُڇي ٿي آرسي هُن ڪان.

ڇو پڳلي عشق جي بن ۾ ؟
هي جوڳي من رُلائين ٿي،
پُڇي ٿي آرسي هُن ڪان.

غزلُ مخمور جو ڪنهن لئہ؟،
سُريلي سُر ۾ ڳائين ٿي،
پُڇي ٿي آرسي هُن ڪان.

❒

سُپَت جا سُلطان!،
سنڌڙي سُڏڪي ٿي سڏئي.

ٻڪين مارُن لئہ سڄڻ!،
آءُ ڪٽي ڪي نان،
سنڌڙي سُڏڪي ٿي سڏئي.

مقتل گاهون ٿي ويا،
آهن سپ ميدان،
سنڌڙي سُڏڪي ٿي سڏئي!.

ڪائي جوڌا ٿا وڃن،
ٻاهہ اڃي زندان،
سنڌڙي سُڏڪي ٿي سڏئي!.

جوڙي ويرين لئہ وري،
آءُ! تڪا ڪي ڪان،
سنڌڙي سُڏڪي ٿي سڏئي.

رهبر سنڌو ديس جا،
او اوچا انسان!،
سنڌڙي سُڏڪي ٿي سڏئي.

❒

"سنڌ جي رهبر سائين جي ايم سيد جي نانءِ"



ماڻي آجو ماڳ،
ٿڪ لهي ويا عمر جا.

امڙ جي هٿ جو پڪل،
ڪائي سائو ساڳ،
ٿڪ لهي ويا عمر جا.

ڇُميو جيئن مون ساهہ سان،
ڍولڻ! تنهنجو لاڳ،
ٿڪ لهي ويا عمر جا.

تنبوري جي ساز تي،
ٻُڌي پٽ جو راڳ،
ٿڪ لهي ويا عمر جا.

سُتل ورهين جو رضا!
ڏِسي ديس سُجاڳ،
ٿڪ لهي ويا عمر جا.

❒

منهنجي نازڪ ساهہ تي،
ڳوري لت رکي،
ٺهڪ ڏِين تا حادثا.

يارن وانگر هوبهو،
ڪري وارُ لڪي،
ٺهڪ ڏِين تا حادثا.

غربت سندي باهہ ۾،
جلندي جيءُ ڏسي،
ٺهڪ ڏِين تا حادثا.

منهنجي سڏڪن جي مٿان،
جهومي جڻ تہ ڪُڏي،
ٺهڪ ڏِين تا حادثا.

جيون جي مخمور! هر،
ڪري تنگ ڳلي،
ٺهڪ ڏِين تا حادثا.

❑



ڏُڏُ ولوڙيندڙَ،
پياري ڏاڏِي ياد آ.

صبح سانجهي مينهن ڪيِ،
ٻَڌندڙ، چوڙيندڙ.
پياري ڏاڏِي ياد آ.

ڪُنجي ڏڪندڙَ پيرڙا،
پَٽَ تي ڪوڙيندڙ،
پياري ڏاڏِي ياد آ.

مرضن ۽ افلاس ۾،
پل پل لوڙيندڙ،
پياري ڏاڏِي ياد آ.

گهر پاتين لئہ عمر پرِ،
پاڻ پتوڙيندڙ،
پياري ڏاڏِي ياد آ.

سُرمي سان پنهنجون اڇيونِ،
اکيون ٻوڙيندڙ،
پياري ڏاڏِي ياد آ.

ڇڪي ٻَنَ جون ٻيڙيون،
جيءُ جهنجهوڙيندڙ،
پياري ڏاڏِي ياد آ

❑

ٽُڪرا پنهنجي ذات جا،
جوڙي جوڙي مان،
ساڻو آهيان تي ڪِريو.

ضديري هُن ڏانهُن دل،
موڙي موڙي مان،
ساڻو آهيان تي ڪِريو.

سهڻن سپنن جي پٺيان،
ڊوڙي ڊوڙي مان،
ساڻو آهيان تي ڪِريو.

تنبو لهرن جي مٿان،
ڪوڙي ڪوڙي مان،
ساڻو آهيان تي ڪِريو.

سنگت خاطر پاڻ کي،
ٻوڙي ٻوڙي مان،
ساڻو آهيان تي ڪِريو.

هِت ٻي، هُت ٻي پاڻ کي،
ووڙي ووڙي مان،
ساڻو آهيان تي ڪِريو.

رَسيون ڏرمن جون ٻَدل،
ڇوڙي ڇوڙي مان،
ساڻو آهيان تي ڪِريو.
r



توکان وڌ مون کي پرين!،
جيون سان آ پيارُ،
توکي ايئن ڇو ٿو لڳي؟

دل جي منبر تي پِيو،
ويٺل آ دلدارُ،
توکي ايئن ڇو ٿو لڳي!؟

تو لئہ ناهي ڊوليا!،
منهنجو هي سينگارُ،
توکي ايئن ڇو ٿو لڳي ؟

توکي صحرا ڏئي ٿتل،
ڪٽندس مان وٽڪارُ،
توکي ايئن ڇو ٿو لڳي!؟

تنهنجي خوشين جي مٿان،
غم جو ڪندس وارُ،
توکي ايئن ڇو ٿو لڳي!؟

تنهنجو ويندسُ آنءُ هي،
اُجاڙي سنسارُ،
توکي ايئن ڇو ٿو لڳي!؟
❑

دردن جي جاگير،
لِکي ليکڪ ڀاڳ ۾.

رنگن کان محروم ڪا،
جيون جي تصوير،
لِکي ليکڪ ڀاڳ ۾.

من موهيندڙ خواب جي،
بدصورت تعبير،
لِکي ليکڪ ڀاڳ ۾.

ڪنهن وِدوا جهڙي صفا،
ٻُسي آ تقدير،
لِکي ليکڪ ڀاڳ ۾.

ڏوهہ بہ ڪوئي ڪا نہ هو،
پو ڀي ڇو تعزير؟
لِکي ليکڪ ڀاڳ ۾.

تڙپي ٿي مخمور! دل،
ناهي ٿڌڙي هير،
لِکي ليکڪ ڀاڳ ۾.

❒



احساسن جي رنگ سان،
رنگِيلِ هر رشتو،
اُوچو آ انداز ڪان.

جيجل امڙ جي پڪل،
هٿڙن جو لولو،
اُوچو آ انداز ڪان،

ذرڙو ذرڙو خاڪ جو،
پنهنجي ڌرتيءَ جو،
اُوچو آ انداز ڪان.

وڪٽي سموسہ پيو،
نينگر ننڍڙو سو،
اُوچو آ انداز ڪان.

تنهنجو نچڻي! رقص ۾،
ڇيرين جو ڇمڪو،
اُوچو آ انداز ڪان.

مزدورن جي پگهر جو،
ميرو هر قطرو،
اُوچو آ انداز ڪان.

❒

مهڪندو پيهر چمن،
پوپٽن کي ڏڏ ڏيوا.

گل نچندا واءُ ۾،
ٻهڪندو پيهر چمن،
پوپٽن کي ڏڏ ڏيوا.

جهول ۾ مڪڙيون جهلي،
مرڪندو پيهر چمن،
پوپٽن کي ڏڏ ڏيوا.

فتح جي جهنڊي جيان،
ڦڙڪندو پيهر چمن،
پوپٽن کي ڏڏ ڏيوا.

ماڪ سان ڌوئي جسم،
چمڪندو پيهر چمن،
پوپٽن کي ڏڏ ڏيوا.

❐



خود کي ڳوليان ٿو،
پنهنجي ئي مان جيءَ ۾.

عرصي کان پيو پاڻ کي،
ڪيڏو روليان ٿو،
پنهنجي ئي مان جيءَ ۾.

ٽاڪا ويٺو ساهه جا،
روز اُکوليان ٿو،
پنهنجي ئي مان جيءَ ۾.

اندر سندي ديد تان،
پٽيون کوليان ٿو،
پنهنجي ئي مان جيءَ ۾.

ڪيڏيون سندر پيار جون،
ٻوليون ٻوليان ٿو،
پنهنجي ئي مان جيءَ ۾.

❐

هلندڙ ڀڪي ۾ لڳي،
ورُڪنهن جهرڪيءَ جو،
زخمي آهي ٿي پيو.

وڙهندي ڪاري رات سان،
شعلو بتيءَ جو،
زخمي آهي ٿي پيو.

جهيڙي واڳن ساڻ، ٿَنُ
ننڍڙي مڇليءَ جو،
زخمي آهي ٿي پيو.

جيئڻ جو ويساهه اڄ،
جڳ ۾ دلڙيءَ جو،
زخمي آهي ٿي پيو.

الفت واري واٽ تي،
سپنو سرتيءَ جو،
زخمي آهي ٿي پيو.

ٻُڍي پُٽَ جي قتل جو،
جيرو جيجيءَ جو،
زخمي آهي ٿي پيو.

❒



ڏک ڏانئڻ الا!،
هينئڙي جو سمورو ويا خونُ پي.

هڪ لمحي اندر،
ڪرب جا قافلا،
هينئڙي جو سمورو ويا خونُ پي.

هاءِ دولاب ۾،
نينهن ها ڪوڪلا،
هينئڙي جو سمورو ويا خونُ پي.

حادثن جا پهر،
بي رحم مرحلا،
هينئڙي جو سمورو ويا خونُ پي.

اُڀ جيڏا پرين!،
فاصلا فاصلا،
هينئڙي جو سمورو ويا خونُ پي.

❒

پياس رڻن ۾ جر،
ووڙڻ نڪتي آ.

سسئي ٻڄي دل،
ڪوهن ۾ دلبر،
ووڙڻ نڪتي آ.

خاڪِ مقتلَ ۾،
بيوه پنهنجو ور،
ووڙڻ نڪتي آ.

گوري سپنن ۾،
جيئڻ جو منظر،
ووڙڻ نڪتي آ.

گم ٿيل هستيءَ کي،
ڪا اورانگهي گهر،
ووڙڻ نڪتي آ.

هوشو، هيمونءَ جان،
ڌرتي ڪو گوهر،
ووڙڻ نڪتي آ.

❑



هٽ، تنهنجا! ڳل ڇهي،
ٿي ويا مخمور هِن.

دل سان ڳڌ ڳڌ نيڻ هي،
حسن جا جلوا ڏسي،
ٿي ويا مخمور هِن.

چپ منهنجا خواب ۾،
چپ ٻئي تنهنجا! چمي،
ٿي ويا مخمور هِن.

رند پيئڻ کان اڳهن،
جام جي ويجهو اچي،
ٿي ويا مخمور هِن.

ساهه جا احساس اڄ،
گيت چندر جو ٻُڌي،
ٿي ويا مخمور هِن.

❑

8/4/2016 تي لکيل زندگيءَ جي پهرين وائي.

سُڏڪي ڳوڙهن سان،
ريجهايان ٿو هينئڙو،

اوسيئڙي جي مند ۾،
سُرهن سپنن سان،
ريجهايان ٿو هينئڙو،

چولين جي گونجار تي،
ڪپ تي دردن سان،
ريجهايان ٿو هينئڙو،

ويهي حُجري ۾ لڪي،
تسبيح داڻن سان،
ريجهايان ٿو هينئڙو،

رِڻ ۾ پوپٽ پي ڇيو،
خيالي گلڙن سان،
ريجهايان ٿو هينئڙو،

ڪوئي ناهي ساٿ ۾،
پنهنجي پاڇن سان.
ريجهايان ٿو هينئڙو،

❑



جگنو بڻجي جيءُ!،
انڌيرن جي راڄ ۾.

جذبن کي جرڪاءِ اُٿُ!،
هيڻو هيئن نہ ٿيءُ،
انڌيرن جي راڄ ۾.

ڪيسين رهندو ايئن اڃان؟
قاتل ماڻهو هيءُ،
انڌيرن جي راڄ ۾.

جيڪر جِڻي ڪين ها،
آيل! آ هي ريءُ،
انڌيرن جي راڄ ۾.

اُجالن جي عشق ۾،
بابل ماري ڏيءُ،
انڌيرن جي راڄ ۾.

جگ جگ جيئندو شخص سو،
جو ٻاريندو جيءُ،
انڌيرن جي راڄ ۾.

❑

پاڇي هيٺان موت جي،
ساهن کي ساهي،
مٽي پائي هان سُتو.

ڪاڪ محل خوشين سندو،
بي وس ٿي ڊاهي،
مٽي پائي هان سُتو.

ٻن ڏينهَن لئہ سوڳ جو،
منظر ڪو ناهي،
مٽي پائي هان سُتو.

لولهي لنگڙي زندگي،
صديون کي ڪاهي،
مٽي پائي هان سُتو.

جاڳن کان ناراض ٿي،
ننڊن کي چاهي،
مٽي پائي هان سُتو.

رنگجي رت ۾، ديس جو
قرض رضا! لاهي،
مٽي پائي هان سُتو.

❐



پنهنجو خُون ڪيان،
چو ايئن چاهي وقت ٿو.؟

ڪولي بوتل زهر جي،
زم زم جيئن پيئان،
چو ايئن چاهي وقت ٿو؟.

تنهنجي لهرن تي ندي!
پاڻ ڪٽي اڇليان،
چو ايئن چاهي وقت ٿو؟.

دردن ۾ تحليل ٿي،
ٻٽجي ياد وڃان،
چو ايئن چاهي وقت ٿو؟.

ٻُڪ صدين جي ساهہ ڪان،
پل ۾ آنءُ ڇنان،
چو ايئن چاهي وقت ٿو؟.

تنگدستيءَ جي باھ ۾،
سڙي خاڪ ٿيان،
چو ايئن چاهي وقت ٿو؟.

سايون ساريون خواهشون،
ٻچڙن جون پيليان،
چو ايئن چاهي وقت ٿو؟.

❐

احساسن جي باغ ۾،
سڪ جا گل ٽڙيا،
من جي مومل لاءِ هن.

سارا دل جي ڪاڪ جا،
ڪولي در چڙهيا،
من جي مومل لاءِ هن.

ساهن جي پرڙن مٿان،
سُرها ڳيچ لکيا،
من جي مومل لاءِ هن.

جذبا، اڌما نند مان،
پري چرڪ اُٿيا،
من جي مومل لاءِ هن.

الفت جي پَٽَ سان صديون،
نيڻن خواب پريا،
من جي مومل لاءِ هن.

يادن جي اڪرين منجهان،
ڳوڙها سرخ ڳڙيا،
من جي مومل لاءِ هن.
❒





گونجي صدين ڪان پيو،
دردن جو پڙلاءُ،
اڄ پي منهنجي روح ۾.

توڪي! ڪاوڙ ۾ چنم،
آهي هي پڇتاءُ،
اڄ پي منهنجي روح ۾.

تنهنجو! گُهلندو عشق آ،
بڻجي ٽڏڙو واءُ،
اڄ پي منهنجي روح ۾.

ڦهليل آهي جابجا،
تنهنجو يار! هڳاءُ،
اڄ پي منهنجي روح ۾.

پل پي بوٽي اڪ نہ ٿو،
تنهنجو هر ايذاءُ،
اڄ پي منهنجي روح ۾.

خوشبو تنهنجي هٿ رڌل،
ڪاڏي جي آ ماءُ!،
اڄ پي منهنجي روح ۾.
❒

خوشبو ويندس تي،
جي ڇُهندي ڪا اپڇرا.

مون ۾ موسم موهه جي،
پوندي ڪا مهڪي،
جي ڇُهندي ڪا اپڇرا.

ڳوڙها منهنجي جيءَ جا،
پوندا ڪُل مرڪي،
جي ڇُهندي ڪا اپڇرا.

مئل من جي آرزو،
ٻيهر پوندي جي،
جي ڇُهندي ڪا اپڇرا.

ڪو نه اُجاڙي پو ڪڏهن،
سگهندي دنيا هي،
جي ڇُهندي ڪا اپڇرا.

زهر جهڙا درد دل،
ڪلندي ويندي پي،
جي ڇُهندي ڪا اپڇرا.

❑



جِن ۾ پياري پريت آ،
تن احساسن ڪي،
ڇُمان ٿو مان ساهه سان.

خيالي ٺاهي عڪس ڪي،
لالڻ جا تن ڪي،
ڇُمان ٿو مان ساهه سان.

جن تان گذريو آ پرين،
تن تن رستن ڪي،
ڇُمان ٿو مان ساهه سان،

خوشبو ٿي ٿو من وڃي،
جنهن پل سپنن ڪي،
ڇُمان ٿو مان ساهه سان.

وينو ننڊڙپڻ جي سدا،
ڪومل يادن ڪي،
ڇُمان ٿو مان ساهه سان.

مظلومن جي ديد مان،
ڳڙندڙ ڳوڙهن ڪي،
ڇُمان ٿو مان ساهه سان.

❑

پنچين سندي لات جيئن،
منـڙو تـي آواز،
شهنشاه او راڳ جا!.

سونهاري هن سنڌ کي،
توتي آهي ناز،
شهنشاه او راڳ جا!

تنهنجو هر آلاپ جڻ،
تنبوري جو ساز،
شهنشاه او راڳ جا!

تنهنجو سڀ کان راڳ ۾،
نيارو آ انداز،
شهنشاه او راڳ جا!.

تنهنجي هر هڪ گيچ ۾،
چاهت جو آ راز،
شهنشاه او راڳ جا!.

❑

"سنڌي گيتن جي شهنشاه، سدا بهار راڳي شمن علي ميراليءَ جي نانءِ"



لائون ڏيئي درد سان،
ساهن کي سُڏڪا،
وقت ڏنا هِن ڏيج ۾.

سانديان ويني ساهه ۾،
گِهرا جي صدما،
وقت ڏنا هِن ڏيج ۾.

بٽبا ٻيلي کين کي،
ڄاٽان، جَي سپنا،
وقت ڏنا هِن ڏيج ۾.

سسئيءَ وانگر کيترا،
مونکي پيي دوکا،
وقت ڏنا هِن ڏيج ۾.

ٻي چينيءَ جي ٻاهه ۾
چُپيندڙ هي الڪا،
وقت ڏنا هِن ڏيج ۾.

دل جي نيٽن کي رضا!،
ڪتڪا، اوجاڳا،
وقت ڏنا هِن ڏيج ۾.

❑

مهڪي پيا رابيل هِن،
منهنجي نيٽن جا،
ڏِسي وينگس وهنجندي.

پڙڪي لونءَ لونءَ ۾ پيا،
شعلہ جذبن جا،
ڏِسي وينگس وهنجندي.

رُڪجي ويا هِن پيرڙا،
هڪ هنڌ ساهن جا،
ڏِسي وينگس وهنجندي.

هوش ٿڙي پيا اوچتو،
هوش، حواسن جا،
ڏِسي وينگس وهنجندي.

پلَ ۾ راهيءَ جا لهي،
ٿڪ ويا سفرن جا،
ڏِسي وينگس وهنجندي.

ماٺ ويا مخمور! ٿي،
نغما ڏڙڪن جا،
ڏِسي وينگس وهنجندي.

❒



توکي ماريندسُ،
مون کي چوندو درد آ.

تنهنجي اندر ۾ عمر،
ساري گهاريندسُ،
مون کي چوندو درد آ.

توکي ٻوڙي ڪُنَ ۾،
خود کي تاريندسُ،
مون کي چوندو درد آ.

توکي تارا ڏينهن جا،
مان ڏيکاريندسُ،
مون کي چوندو درد آ.

روز عذابن جا ڏِيا،
تو ۾ ٻاريندسُ،
مون کي چوندو درد آ.

توکي گهائڻ لئہ رضا،
خنجر ڏاريندسُ،
مون کي چوندو درد آ.

❒

پولي تو پاڙو،
تيز اجوکي دؤر ۾،
ماڻهو محبت کي ٽُڏي.

پنهنجن کي ئي تو هٽي،
دوکي جو ڏاڙو،
تيز اجوکي دؤر ۾،
ماڻهو محبت کي ٽُڏي.

مطلب واري ماڳ ڏي،
رکي تو لاڙو،
تيز اجوکي دؤر ۾،
ماڻهو محبت کي ٽُڏي.

وڏڻ خاطر تو وتي،
ڪنيون ڪُهاڙو،
تيز اجوکي دؤر ۾،
ماڻهو محبت کي ٽُڏي.

پالي تو پيو سوڳَ سان،
اندر ۾ ساڙو،
تيز اجوکي دؤر ۾،
ماڻهو محبت کي ٽُڏي.

❐



سسئيءَ جيئن دلدار،
راس نه آيو پاڻ کي.

نوريءَ جهڙي نار جو،
سپني ۾ پي پيار،
راس نه آيو پاڻ کي.

روئي کيان فرياد تو،
خوشين جو قولار،
راس نه آيو پاڻ کي.

ٺهڪَ نه ڏي اُجڙيل ڏسي،
آئينا! سينگار،
راس نه آيو پاڻ کي.

نيڻ چون نابين تا،
رنگيلو سنسار،
راس نه آيو پاڻ کي.

سهڻيءَ ڪُنَ ۾ ٿي چيو،
ڏک آهي ميهار،
راس نه آيو پاڻ کي.

بنجر ٿي وياسين رضا!،
سُرهو هيل بهار،
راس نه آيو پاڻ کي.

❐

سورَ توسان سليان،
هيٺ پل ڪن لهي جي اچين اي خدا!.

توکي پاڪر پري،
دانهن دل جي ڏيان،
هيٺ پل ڪن لهي جي اچين اي خدا!.

تو مان محبوب جي،
سڪ ڪا لاهِيان،
هيٺ پل ڪن لهي جي اچين اي خدا!.

روح ۽ جسم سان،
توکي سجدو ڪيان،
هيٺ پل ڪن لهي جي اچين اي خدا!.

نيڻ پوتي پئي،
توکي من سان پسان،
هيٺ پل ڪن لهي جي اچين اي خدا!.

توکي درپن ڪري،
سونهن پنهنجي ڏسان،
هيٺ پل ڪن لهي جي اچين اي خدا!.

❑



ڪنهن لئہ آن بيتاب،؟
عرصي ڪان او ننڊ! تون.

ڪنهن لئہ ايڏي پيار سان؟
پالين پيئي خواب،
عرصي ڪان او ننڊ! تون.

آئي آهين مات ۾،
سهندي ڪيئن عذاب؟،
عرصي ڪان او ننڊ! تون.

ڪنهن لئہ بيٺي آن ڪنيون؟،
اکين منجهه گلاب،
عرصي ڪان او ننڊ! تون.

ڇو تي ويندي جاڳ آن؟،
ساري ڪو دولاب،
عرصي ڪان او ننڊ! تون.

❑

پنهنجي عيبن ۾ اسان،
پاتي سي اڄ جهات،
نِوڙي آڏو عشق جي.

ورهين جي ميري اڇي،
جرڪائي سي ذات،
نِوڙي آڏو عشق جي.

سيتيل اندر ڪي ڏني،
هميشه لئہ مات،
نِوڙي آڏو عشق جي.

پهريون پيرو عمر ۾،
ٻُڏي پنهنجي لات،
نِوڙي آڏو عشق جي.

ميٽِي پنهنجي قلب تان،
دنيا جي هر تات،
نِوڙي آڏو عشق جي.

حد ۽ لاحد جي رضا!
سمجهي سين هر بات،
نِوڙي آڏو عشق جي.

❐





قدرت جا ڪي پرهه جو،
نغما ڳائي تو،
ٿنڀي تي وينو پکي.

ڳوٺاڻن ڪي ننڊ مان،
جڻ جاڳائي تو،
ٿنڀي تي وينو پکي.

ڪُرڙي تس ڪا ڇُهنب ۾،
جيڪا ڪائي تو،
ٿنڀي تي وينو پکي.

ڪنهن لئہ ايڏو ڪرب مان؟،
پيو ڪُرلائي تو،
ٿنڀي تي وينو پکي.

تڙڳي نديءَ مان اڇي،
ڪنپ سُڪائي تو،
ٿنڀي تي وينو پکي.

ولر ڪهڙي پار ويو،
پيو واجهائي تو،
ٿنڀي تي وينو پکي.

❐

مهڪندڙ مند جان،
ماڙيون رونقون،
آءُ پل ۾ پرين! زندگيءَ جون سيئي.

دل جي ڪاغذ متان،
وارتائون لکون،
آءُ پل ۾ پرين! زندگيءَ جون سيئي.

پيار جي ڇانوَ ۾،
ويهي لاهيون سڪون،
آءُ پل ۾ پرين! زندگيءَ جون سيئي.

مختصر پڪ اندر،
ٿا گهڙيون جِي وٺون،
آءُ پل ۾ پرين! زندگيءَ جون سيئي.

روح جون ڳالهڙيون،
ديد سان ٿا ڪيون،
آءُ پل ۾ پرين! زندگيءَ جون سيئي.

❑





ڌارين جيئن رهندو،
آهيان پنهنجي ڀونءِ ۾.

چادر اُوڍي ماٽ جي،
گونگو ٿي گُهمندو،
آهيان پنهنجي ڀونءِ ۾.

مظلومن جون واءَ مان،
چيخون پيو ٻُڌندو،
آهيان پنهنجي ڀونءِ ۾.

روز نئين فرعون جا،
ظلم نوان سهندو،
آهيان پنهنجي ڀونءِ ۾.

سڀ ڪجهه هوندي ڀي مگر،
ٻُڪي لئه سِڪندو،
آهيان پنهنجي ڀونءِ ۾.

اڃاتي ڏپ سان ڀريل،
ساهه ڳرا ڪٽندو،
آهيان پنهنجي ڀونءِ ۾.

❑

وطن جو پرم ٽوڙيندي،
نہ آئي لِيهہَ ڇو توکي!.؟

ڏکاريل سانگِيُن جا حقَ،
ڦٻائي محل جوڙيندي،
نہ آئي لِيهہَ ڇو توکي!.؟

ٻڌي اغيارُ پنهنجن جي،
سُئا سيني ۾ کوڙيندي،
نہ آئي لِيهہَ ڇو توکي!.؟

ڀُلائي پونءِ جا ٽورا،
ثقافت رنگ ٻوڙيندي،
نہ آئي لِيهہَ ڇو توکي!.؟

پنيورين، پوپٽن، گلڙن،
جا نازڪ تن مروڙيندي،
نہ آئي لِيهہَ ڇو توکي!.؟

لتاڙي خواب مارن جان،
خزانن لاءِ ووڙيندي،
نہ آئي لِيهہَ ڇو توکي!.؟

❒


www.sindhsalamat.com

پل پل منهنجي حال کي،
ويٺيون ماضيءَ جون،
روئارن ٿيون ڳالهڙيون.

منهنجي مرڪن کي سدا،
دکي دلڙيءَ جون،
روئارن ٿيون ڳالهڙيون.

رندن سان گڏ جام کي،
وڇڙيل ساقيءَ جون،
روئارن ٿيون ڳالهڙيون.

ٻُم کان پو پيون خاڪ کي،
اجِڙيل وستيءَ جون،
روئارن ٿيون ڳالهڙيون.

جنت کي پيون، عشق ۾،
سڙيل پرڙيءَ جون،
روئارن ٿيون ڳالهڙيون.

نديءَ کي، ڪپ تي لُڇي،
مُئل مڇليءَ جون،
روئارن ٿيون ڳالهڙيون.

تنبوري ۾ شاهہ کي،
ڏکي ڌرتيءَ جون،
روئارن ٿيون ڳالهڙيون.

❒


www.sindhsalamat.com

آسون ۽ سپنا،
گهوريندِيس مان عشق تان.

سُهڻي سندر عمر جا،
دلڪش سڀ لمحا،
گهوريندِيس مان عشق تان.

نور نگاهن جو سچو،
۽ سُرَ ساهن جا،
گهوريندِيس مان عشق تان.

حجَ، نيڪيون، بندگيون،
روزا ۽ سجدا،
گهوريندِيس مان عشق تان.

ميڙي سيڙي موهه مان،
ٽهڪ سيئي سُرها،
گهوريندِيس مان عشق تان.

اديون! آئون مرڪندي،
منزل ۽ رستا،
گهوريندِيس مان عشق تان.

❒



امڙ جي جوان خوابن جا،
ڪري ويو ڪير ٽڪرا آ؟

شِمر وانگي گناهن جي،
ترارن سان ثوابن جا،
ڪري ويو ڪير ٽڪرا آ؟

حوَس جي ٻاٽ گهريءَ ۾،
جواڻيءَ جي حجابن جا،
ڪري ويو ڪير ٽڪرا آ؟

ڪري ماتم چون ٿا سُرَ،
تنبورن ۽ ربابن جا،
ڪري ويو ڪير ٽڪرا آ؟

اُجاڙي رنگَ گلشن جا،
نرم، نازڪ گلابن جا،
ڪري ويو ڪير ٽڪرا آ؟

حرف تڙپن پيا گند تي،
علم ڏيندڙ ڪتابن جا،
ڪري ويو ڪير ٽڪرا آ؟

❒

منهنجي بنجر روح تي،
بادل بڻجي وسُ،
ڪوهيڙي جي ڏُند ۾!.

سڪ جي پيرن ساڻ اچ،
دل جو وٽي گسُ،
ڪوهيڙي جي ڏُند ۾!.

پيئڻ ڏي مي وانگِيان،
چپڙن مان ڪا رسُ،
ڪوهيڙي جي ڏُند ۾.

ساڙيلي سنسار کي،
آءُ ڪري اچ پسُ!،
ڪوهيڙي جي ڏُند ۾.

آئينو هان مان پرين!،
مون ۾ صورت پَسُ،
ڪوهيڙي جي ڏُند ۾.

لوهه منجهان مخمور کي،
ڇُهي ڪر پارسُ،
ڪوهيڙي جي ڏُند ۾!.

❑



"سهڻي شاعره، پياري ڀيڻ سندو پيرزادو جي نانءِ"

اُوچي هر هڪ مند کان،
چڻ ڌرتيءَ جهڙي،
مون کي سندو تي لڳي.

اندر جي ايمان جان،
خالص ۽ اُجري،
مون کي سندو تي لڳي.

رحمت* گلُ رابِيل جو،
۽ خوشبو اُن جي،
مون کي سندو تي لڳي.

توهن جي سنسار ۾،
چڪوءَ جيئن منڙي،
مون کي سندو تي لڳي.

پياري هر احساس کان،
چنچل ڪا تتلي،
مون کي سندو تي لڳي.

جهڙي ٻولي شاهه جي،
بلڪل ئي اهڙي،
مون کي سندو تي لڳي.

❑

*رحمت پيرزادو خوبصورت شاعر ۽ سندوءَ پيرزادو جو جيون ساٿي.

منهنجي نيڻن کان سيئي،
پنهنجا هي سپنا،
موٽائي وٺ موهڻي!.

تو جي چميُن جا ڏنا،
ڪومل سي تحفا،
موٽائي وٺ موهڻي!.

جهاڳي جهاڳي هان ٿڪو،
دردن جا صحرا،
موٽائي وٺ موهڻي!.

خوشبو کان خالي سيئي،
چاهت جا گلڙا،
موٽائي وٺ موهڻي!.

دوزخ سندي آڳ جان،
دکندڙ هي جذبا،
موٽائي وٺ موهڻي!.

تو جي ارپيا ها ڪڏهن،
سڪ جا سي سجدا،
موٽائي وٺ موهڻي!.

مون کان هي مخمور جان،
بي معنيٰ رشتا،
موٽائي وٺ موهڻي!.

❐



ڏرتي سرتيءَ لئہ سدا،
شعلن کي ڇُهندي،
سَرهائي ٿيندي اٿم.

سندڙي! تنهنجي سونهن تي،
ڪوتائون لکندي،
سَرهائي ٿيندي اٿم.

گهايل جي ڪنهن گهاءَ تي،
مرهم کا رکندي،
سَرهائي ٿيندي اٿم.

روز نئين سِر ڍوليا!،
عشق هتان ڪُسندي،
سَرهائي ٿيندي اٿم.

منهنجي آلي ديد کي،
هوءَ ڏسي کلندي،
سَرهائي ٿيندي اٿم.

تنهنجي سڏ تي بي وفا!،
چو هر هر ورندي،
سَرهائي ٿيندي اٿم.

❐

ڏرتيءَ تي آڪاس تان،
مون لئہ هيڪر لَهہ،
پاريهر جهڙا پرين!

قيد نہ توکي مان ڪندس،
موهہ ۾ مون سان ٿَهہ،
پاريهر جهڙا پرين!

اُڏري وڃجان صبح پل،
رات تہ مون سان رَهہ،
پاريهر جهڙا پرين!

مون کي سمجهي باز ڪو،
ايئن نہ ايڏو ٿَهہ،
پاريهر جهڙا پرين!

گهوريندسُ توتان خوشيون،
پڪو آهي پَهہ،
پاريهر جهڙا پرين!

منهنجي عيبن جي مٿان،
اچي رک ڪو ٿَهہ،
پاريهر جهڙا پرين!

❒



دل جي پيدن جون پيون،
هوريان ڳالهيون ڪن،
سرتيون وينيون شام جو

پنهنجي پنهنجي محب کي،
ساري ٿيون مهڪن،
سرتيون وينيون شام جو.

باهہ ٻري ٿي پو ٻہ ڇو؟
ٿڌ ۾ ٿيون ٿڙڪن.
سرتيون وينيون شام جو.

ڳاڙهي سائي ڳج ۾،
ڪيڏو ٿيون ٻهڪن،
سرتيون وينيون شام جو.

يوڳ ڪري مخمور! ٿيون،
چپڙن ۾ مشڪن،
سرتيون وينيون شام جو.

❒

انائن جا محل ڊاهي،
مَنَهُن ڪو قرب جو اڏجي.

ڪري خوابن جا گڏ ڪانا،
انهن مان پترون ٺاهي،
مَنَهُن ڪو قرب جو اڏجي.

وطن جي عشق ۾ رنگجي،
مٽيءَ جي مهڪ کي چاهي،
مَنَهُن ڪو قرب جو اڏجي.

ڪڍي سارو اُهو ڪچرو،
پريل جو ذهن ۾ آهي،
مَنَهُن ڪو قرب جو اڏجي.

اکين تان نفرتن واريون،
پَٽيون مخمور! اڄ لاهي،
مَنَهُن ڪو قرب جو اڏجي.

❐



ساڙي چوڏن سان،
ٿڪَ ڏئي هو ويا هليا.

ڪائي منهنجي ماس کي،
ڳجهن، ٻوڏن سان،
ٿڪَ ڏئي هو ويا هليا.

وچوڙي جي واءَ ۾،
لوڏي لوڏن سان،
ٿڪَ ڏئي هو ويا هليا.

محلاتي دوڪا ڪري،
تر جي اوڏن سان،
ٿڪَ ڏئي هو ويا هليا.

ڏير ڪٽي منهنجو پنهل،
آيل! توڏن سان،
ٿڪَ ڏئي هو ويا هليا.

❐

* ٻوڏن... جابلو ڪانءَ

ساهن جو سارو سفر،
پل جو چڻ ته لڳو،
دوکو کو رنگينُ آ.

حقيقت کان ٿي پري،
پاکر منجهه پريو،
دوکو کو رنگينُ آ.

سچي منهنجي ديد کي،
انڌي وقت ڏنو،
دوکو کو رنگينُ آ.

هر ڪاموري قوم جي،
نيٽن منجهه رکيو،
دوکو کو رنگينُ آ.

دنيا جو هر فلسفو،
مون کي عشق ڏسيو،
دوکو کو رنگينُ آ.

سجدي ۾ چاتو اسان،
عالم هيءُ سچو،
دوکو کو رنگينُ آ.

❒



دل نوحه گر بڻيل،
۽ عمر پر زِندگي،
مون ڏٺي ماتم کندي.

ڏک ۾ جهومي پَئَي،
سا وري سک ۾ سکي،
مون ڏٺي ماتم کندي.

لاش پوپٽ جي مٿان،
باغ ۾ هر هڪ ڪلي،
مون ڏٺي ماتم کندي.

رقص جي دوران ئي،
خوبصورت نرتکي،
مون ڏٺي ماتم کندي.

ماڙيُن جي شهر ۾،
هڪ ڪکائين جهوپڙي،
مون ڏٺي ماتم کندي

سنڌ جي تقدير آ،
هر زماني، هر گهڙي،
مون ڏٺي ماتم کندي.

❒

ٿاپا کائيندو،
توکان پوءِ منهنجو سفر.

تنهائيءَ جو ڳيچ پيو،
سُڏڪي ڳائيندو،
توکان پوءِ منهنجو سفر.

چاڙان ٿو رنگن پريو،
جڳُ ٽُڪرائيندو،
توکان پوءِ منهنجو سفر.

پياسو رکي پاڙ کي،
ساهه سُڪائيندو،
توکان پوءِ منهنجو سفر.

پيڙائن جي راهه ۾،
پاڻُ رُلائيندو،
توکان پوءِ منهنجو سفر.

منزل کان مخمور! اڳ،
پند ڪٽائيندو،
توکان پو منهنجو سفر.

❐



ڪپُر جان تقدير! هيئنُ،
ڏنگ نہ گِهرا هَڻُ،
مون کي ٿي تڪليف ٿي.

غربت جي هر پهر ماڻُ،
درد! نہ مون تي چَڻُ،
مون کي ٿي تڪليف ٿي.

ٿاندن تي پيو هان ڪِريُ،
ساٿي! نِوڙي ڪَڻُ،
مون کي ٿي تڪليف ٿي.

هيئن نہ منهنجا عڪس! تونُ،
منهنجو دشمن بَڻُ،
مون کي ٿي تڪليف ٿي.

وحشي بگهڙ جو ڏِسيُ،
ڪاڏل هرڻين ڏَڻُ،
مون کي ٿي تڪليف ٿي.

وارَ ڪهاڙين جا نہ ڪيو،
چئي ٿو سائو وَڻُ،
مون کي ٿي تڪليف ٿي.

❐

ريءَ پرڙن جي اُڏان،
ڪيستائين اي خدا!؟.

مان بنان قدمن پيو،
وقت جي پويان ڊُڪان،
ڪيستائين اي خدا!؟.

روز وٺندين سخت ڪي،
آزمودا پيو نوان،
ڪيستائين اي خدا!؟.

ڏَسِ ته ڪجهه رهندين پلا،
هيئن پردن جي پٺيان،
ڪيستائين اي خدا!؟.

بهشت جي مان لوڀ ۾،
بندگيون ويٺو ڪيان،
ڪيستائين اي خدا!؟.

خوف پيو تنهنجو ڏِيِي،
هنيانءُ ڏاريندو، ملان،
ڪيستائين اي خدا!؟.

❐



پٽر جي آڪاس ڪي،
آخر ڏارينديون،
چيخون ڪي مظلوم جون.

ننڊ پِيل انصاف ڪي،
نيٺ اُٿارينديون،
چيخون ڪي مظلوم جون.

ظلمت جي فرعون ڪي،
نِت لئه مارينديون،
چيخون ڪي مظلوم جون.

ڦريو بڻجي ديس مان،
گند ٻُهارينديون،
چيخون ڪي مظلوم جون.

دشواريون سڀ، امن جي،
ڏگ تان ٽارينديون،
چيخون ڪي مظلوم جون.

بغاوت جو پڪ رضا!،
سچ اُپارينديون،
چيخون ڪي مظلوم جون.

❐

سُڏڪَندي، رات سان،
مون سلي سور آ جيءُ هلڪو ڪيو.

هڪڙي رابيل جي،
مهڪندڙ تات سان،
مون سلي سور آ جيءُ هلڪو ڪيو.

ڪنهن سڄڻ جيئن ئي،
درد جي ذات سان،
مون سلي سور آ جيءُ هلڪو ڪيو.

باهه جان ڀڙڪندڙ،
گرم جذبات سان،
مون سلي سور آ جيءُ هلڪو ڪيو.

جا مقدر بڻي،
روئي تنهن مات سان،
مون سلي سور آ جيءُ هلڪو ڪيو.

گاج وانگر گجي،
ميگهه، برسات سان،
مون سلي سور آ جيءُ هلڪو ڪيو.

❐



مک تي زوريءَ ڪوڪلا،
ٽهڪ سجائيندي،
من ۾ روئي پئي سگهي.

ماضيءَ جي تصوير سان،
نيڻ ملائيندي،
من ۾ روئي پئي سگهي.

زخمي زخمي آس کي،
مرهم لائيندي،
من ۾ روئي پئي سگهي.

يادن سان محبوب جي،
آ ڳالهائيندي،
من ۾ روئي پئي سگهي.

پريتم سندي پار ڏي،
خواب اُڏائيندي،
من ۾ روئي پئي سگهي.

تحفو ساجن جو ڏنل،
پايل پائيندي،
من ۾ روئي پئي سگهي.

❐

ڏکن جي ڏيھ لاڙي وئي،
فضا سُرھي محبت جي.

جڙون مضبوط دلڙيءَ جون،
بٽي چوھو اُکاڙي وئي،
فضا سُرھي محبت جي.

اڳي آباد ٽيڻ کان ئي،
اسان کي آ اُجاڙي وئي،
فضا سُرھي محبت جي.

حياتيءَ جي ننگي بُت کي،
آ چيري جيئن ساڙي وئي،
فضا سُرھي محبت جي.

عجب خوابن جي کوليءَ ۾،
ھميشہ لاءِ واڙي وئي،
فضا سُرھي محبت جي.

لڪايوسي گھٽو خود کي،
مگر مخمور! جھاڙي وئي،
فضا سُرھي محبت جي.

❐



منھنجي دل معصوم جو،
خيال پرين! رکجان،
مون کان پو ھر مند ۾.

چو مون کي توکان چنئين،
دوريءَ کان پُڇجان،
مون کان پو ھر مند ۾.

پنھنجي پاڇي ساڻ ئي،
سور سڄڻ! سلجان،
مون کان پو ھر مند ۾.

توکي! منھنجو آ قسم،
مھڪيل ئي رھجان،
مون کان پو ھر مند ۾.

منھنجو منھنجي ياد مان،
واس پرين! وٺجان،
مون کان پو ھر مند ۾.

سک پيي ھٽندئي ڏنگ پيا،
ڏکڙن جان ڏسجان!،
مون کان پو ھر مند ۾.

❐

مي محبت جو پي،
جھومڻ ٿو مان چاھِيان.

وڇوڙي جي سور کي،
سھڻ لئہ سرتي!،
جھومڻ ٿو مان چاھِيان.

توکان ھاري نينھن ۾،
تنھنجي! نالي ٿي،
جھومڻ ٿو مان چاھِيان.

ماتم کي کا مات ڏئي،
خوشين سان ٻکجي،
جھومڻ ٿو مان چاھِيان.

گھوري نندون عشق تان،
جاڳن منجھہ جلي،
جھومڻ ٿو مان چاھِيان .

بازن جي چنبن منجھان،
ڪڍي ھر جھرکي،
جھومڻ ٿو مان چاھِيان.

❒



آس جي ھر جُھڳي،
وقت ڊاھي ڇڏي،
سور رھندو اِھو ساھہ ۾.

کونہ گل ٿي حياتي سڄي،
ھينئڙي جي کلي،
سور رھندو اِھو ساھہ ۾.

بد شکل ٿي وئي اوچتو،
ھيءَ حسين زندگي،
سور رھندو اِھو ساھہ ۾.

ٿي نہ ھُن جو سگھيس ۽ نہ ٿي،
ھوءَ منھنجي سگھي،
سور رھندو اِھو ساھہ ۾.

کونہ ھُن جي سگھيو جيءَ کي،
چاھہ منھنجو ڇُھي،
سور رھندو اِھو ساھہ ۾.

روح جو مُنھن ڏسڻ واسطي،
ھوءَ نہ ٿي آرسي،
سور رھندو اِھو ساھہ ۾.

❒

دنيا! تنهنجو رنگ،
جاتو پيڙا ۾ پچي.

دوکا کائي سخت کي،
جيئڻ سندو ڍنگ،
جاتو پيڙا ۾ پچي.

پئسي تي ئي ٿو وڃي،
چاهت وارو چنگ،
جاتو پيڙا ۾ پچي.

پنهنجي قسمت تي سدا،
چڙهيل هوندو زنگ،
جاتو پيڙا ۾ پچي.

ڪيڏو زهريلو رضا!،
غربت جو آ ڏنگ،
جاتو پيڙا ۾ پچي.
❐



اوڪايون سڀ طئہ ڪري،
ماڻيندو معراج،
پريتم! پنهنجو پريتڙو.

مهڪائيندو مهڪ سان،
سارو هيءُ سماج،
پريتم! پنهنجو پريتڙو.

اُڏندو اوچي عرش تي،
ٽوڙي آنڌ رواج،
پريتم! پنهنجو پريتڙو.

جنگ جوٽيندو ٻاٽ سان،
ٿي قنديل، سراج،
پريتم! پنهنجو پريتڙو.

اهڙو ئي ناياب آ،
جهڙو ڪو پکراج،
پريتم! پنهنجو پريتڙو.

سَجندو پنهنجي سِر مٿان،
ٿي عظمت جو تاج،
پريتم! پنهنجو پريتڙو.
❐

لاش الا! ٿـــي ويـــو،
جهيڙيندي ڪو وقت سان.

پياري پنهنجي عمر کان،
تنگ، خفا ٿي ويو،
جهيڙيندي ڪو وقت سان.

گهر جي غربت جي متان،
پاڻ فدا ٿي ويو،
جهيڙيندي ڪو وقت سان.

هڪڙي خوشيءَ واسطي،
درد ڪتا ٿي ويو،
جهيڙيندي ڪو وقت سان.

ڪنئرو نازڪ گلُ جيان،
لوهه صفا ٿي ويو،
جهيڙيندي ڪو وقت سان.

مٽيءَ ذرڙن سان ملي،
نيٺ فنا ٿي ويو،
جهيڙيندي ڪو وقت سان.

❒



پن جي ٻيڙي ٿو چڪي،
ڪنگهندي ڪو پوڙهو،
ڪٽ تي ويٺو سانجهه جو.

هاري لاهي ٿڪ ٿو،
ٻنيءَ ٻاري جو،
ڪٽ تي ويٺو سانجهه جو.

خفتي ڪُڪڙ تي ڪري،
گهر ۾ ٿو جهيڙو
ڪٽ تي ويٺو سانجهه جو.

ريجهائي ٿو پيءُ پيو،
روئيندڙ ٻچڙو،
ڪٽ تي ويٺو سانجهه جو.

حمله نيڻن سان ڪري،
سهڻو ماڻهو ٿو،
ڪٽ تي ويٺو سانجهه جو.

درديلو مخمور چو؟،
ڳائي ٿو نغمو،
ڪٽ تي ويٺو سانجهه جو.

❒

خواب کي سرھا ڏسڻُ،
پنھنجي مرضيءَ سان جيئڻ،
ڏوھہ ڇو سنگين آ؟.

کوڙ جي لاھي سِسي،
سچ جو پاسو ڪٽڻ،
ڏوھہ ڇو سنگين آ؟.

ديد جَھڙي آرَ سان،
پَرتُ الفت جو پرڻُ
ڏوھہ ڇو سنگين آ؟.

ديس جي زخمن مٿان،
ويڄُ ٿي مرھم رکڻ،
ڏوھہ ڇو سنگين آ؟.

راتَ جي ماحول ۾،
ڪڙڪٻيتي جان ٻرڻُ،
ڏوھہ ڇو سنگين آ؟.

❒



واھڻ مان ويران،
ڪيئن ٽِيُس ڇا لئہ ٿو پڇين!؟

چاھت ۾ گلدان جي،
پل ۾ ڪندن دان،
ڪيئن ٽِيُس ڇا لئہ ٿو پڇين!؟

سنياليندڙ پي ھيو،
پوءِ پي آئون زيان،
ڪيئن ٽِيُس ڇا لئہ ٿو پڇين!؟

ننڊڙي خوشيءَ جي پنيان،
دردن جو ديوان،
ڪيئن ٽِيُس ڇا لئہ ٿو پڇين!؟

لاھن چاڙھن ۾ لُڇي،
وک وک تي حيران،
ڪيئن ٽِيُس ڇا لئہ ٿو پڇين!؟

گلشن مان مخمورا ھيئن،
رُڃ ۾ ريگستان،
ڪيئن ٽِيُس ڇا لئہ ٿو پڇين؟

❒

هر شي کان نيارو،
عشق اسان کي ٿو لڳي.

جنت جي تشبيه ۾،
رب جو استعارو،
عشق اسان کي ٿو لڳي.

اڳ ۾ لڳندو هو مٺو،
پر اڄڪلهه کارو،
عشق اسان کي ٿو لڳي.

گلڙن جهڙو نرم ۾،
پوپٽ جيئن پيارو،
عشق اسان کي ٿو لڳي.

ڪنهن پل سيارو پوهه ۾،
ڪنهن پل اونهارو،
عشق اسان کي ٿو لڳي.

توڪان پو مخمور! جڻ،
ٽٽل ڪو تارو،
عشق اسان کي ٿو لڳي.

❐



ڪهڙا خواب ڏسان،؟
ڪيسي خالي دوستو!.

ڪيئن زماني جان ڪُڏي،؟
لوڏي ٻانهن هلان،
ڪيسي خالي دوستو!.

ٻچڙن جي لئہ عيد جا،
ڪپڙا ڪيئن وٺان؟،
ڪيسي خالي دوستو!.

مٺڙي جيجل لئہ دوا،
آٽيان آنءُ ڪٿان؟
ڪيسي خالي دوستو!.

دنيا ۾ ڦُٽُ ٻال جان،
جڻ ته پيو ٽُڏجان،
ڪيسي خالي دوستو!.

تقاضائون وقت جون،
پوريون ڪيئن ڪيان؟
ڪيسي خالي دوستو!.

ڪيئن پرينءَ کي پيار جو؟،
چلڙو تحفو ڏيان،
ڪيسي خالي دوستو!.

❐

ڏاهي سارو ڏوهه،
ماڻيو مون معراج آ.

ميتي اُجري قلب تان،
دنيا جو اندوهه،
ماڻيو مون معراج آ.

ڀٽڪي ڀٽڪي راهه ۾،
آخر ڳولي موهه،
ماڻيو مون معراج آ.

چلڪا ڏيندڙ سون مان،
بلڪل بڻجي لوهه،
ماڻيو مون معراج آ.

پنهنجي ميري ذات تي،
سارو ڇنڊي ڇوهه،
ماڻيو مون معراج آ.

روئي، رڙي ورهه کي،
بخشائي هر ڏوهه،
ماڻيو مون معراج آ.

❐





نيڻ وڇائي راهه ۾،
ڪاٿي هون پهتا،
سُڌِ ئي ناهي پاڻ کي.

پهچائيندا ماڳ يا،
روليندا رستا،
سُڌِ ئي ناهي پاڻ کي.

ڪنڊا بڻبا خواب يا،
بڻبا گلدستا،
سُڌِ ئي ناهي پاڻ کي.

ڪنهن کي گهائڻ لئہ خنجر،
يارن هِن ورتا،
سُڌِ ئي ناهي پاڻ کي.

آهيون اڄ ڀي قيدُ يا،
ٻاهر هون نڪتا،
سُڌِ ئي ناهي پاڻ کي.

مهنگا هون هيرن جيان،
يا آهيون سستا،
سُڌِ ئي ناهي پاڻ کي.

❐

جيئن ئي ساهن تي رسين،
ڍور جيان واڙيانءِ
موت! اگر وس مون هلي.

سُکل کنهن وڻ وانگيان،
تيلي ڏئي ساڙيانءِ،
موت! اگر وس مون هلي.

کين ورين واپس جتان،
تنهن رستي لاڙيانءِ،
موت! اگر وس مون هلي.

کاوڙ، خفگيءَ، رنج ۾،
کاڳر جان ڦاڙيانءِ،
موت! اگر وس مون هلي.

ڏوٽا ڏيئي زور سان،
پاڙئون اُکاڙيانءِ
موت! اگر وس مون هلي.

❒



اکڙين ۾ اُلکا،
ڪُرندا مرچن جيئن هِن.

ساڄن ساري سور سپ،
پاڳل هينئين جا،
ڪُرندا مرچن جيئن هِن.

ڪُڏي هِن سنسار ۾،
الفت جا اُڏما،
ڪُرندا مرچن جيئن هِن.

هر دشمن جي ديد ۾،
ڳاڙها هي جهنڊا،
ڪُرندا مرچن جيئن هِن.

ڏيندا جي راحت هئا،
اڄڪلهه سي سپنا،
ڪُرندا مرچن جيئن هِن.

جاکون وچڙيا هون پرين!،
تاکون دل دهڪا،
ڪُرندا مرچن جيئن هِن.

❒

ونجھليءَ جيئن پُرين،
ڪنهن جي لئه ٿو جيئڙا!؟.

ٽڏڙيون هيرون، چانورا،
مطلب سُڪَ گُهرين،
ڪنهن جي لئه ٿو جيئڙا!؟.

ٻاري هي احساس تون،
اونڌهه طرف سُرين،
ڪنهن جي لئه ٿو جيئڙا!؟.

ڍينگهر ڍينگهر واٽ تي،
ننگي پير پُرين،
ڪنهن جي لئه ٿو جيئڙا!؟.

ٿُڏي سڀ آسائشون،
ڏُکن منجهه جُهرين،
ڪنهن جي لئه ٿو جيئڙا!؟.

پهريان هوندو ٻُڌُ هُئين،
پر هيئن هاڻ ڇُرين،
ڪنهن جي لئه ٿو جيئڙا!؟.

❐





مرڪي، ڏرتيءَ جي،
نانءِ ڪيو هر خواب آ.

صدين ڪان اندرَ اندرِ،
ويتل هستيءَ جي،
نانءِ ڪيو هر خواب آ.

دل جي ڏڪ ڏڪ ڪان ٻه وڏ،
ويجهي سنگتيءَ جي،
نانءِ ڪيو هر خواب آ،

نازڪ احساسن جيان،
ڪومل سرتيءَ جي،
نانءِ ڪيو هر خواب آ.

سڪ جي سِرَ سِرَ سان جُڙيل،
دل جي بستيءَ جي،
نانءِ ڪيو هر خواب آ.

پنهنجي ٻچڙن جي امڙ،
ڪيچل، مستيءَ جي،
نانءِ ڪيو هر خواب آ.

❐

پنهنجا ئي پاڇا،
رُهندا ڏئي ويا روح کي.

مون سان مشڪل گڏ ڏسي،
يارن جا لهجا،
رُهندا ڏئي ويا روح کي.

اُڇلي پنهنجا کوهه ۾،
يوسف جيئن ڪيڏا،
رُهندا ڏئي ويا روح کي.

حيرت آ ڪنڊن جيان،
ڪومل ڪي گلڙا،
رُهندا ڏئي ويا روح کي.

روئي پاڳل تي چيو،
سياڻن جا گفتا،
رُهندا ڏئي ويا روح کي.

آيل! رولي رُڃ ۾،
پائر پنهل جا،
رُهندا ڏئي ويا روح کي.

❐



جلن تا احساس،
وحشت جي ماحول ۾.

ڏنگ هڻي ٿي جيءَ کي،
نانگ جيان هر آس،
وحشت جي ماحول ۾.

ڏرتي تڙپي آ رهي،
ڏِسُ اوچا آڪاس!،
وحشت جي ماحول ۾.

نظر نيڻن کي اچن،
شهرَ تا بنواس،
وحشت جي ماحول ۾.

اباجها تي چو چنوا؟،
گلڙن کان تا واس،
وحشت جي ماحول ۾.

سنڌڙي جيئي پئي سدا،
مون آ باسي باس،
وحشت جي ماحول ۾.

ساهه ڪدي مخمور! تي،
الفت واري تاس،
وحشت جي ماحول ۾.

❐

مونکي جيئڻ جا سدا،
ڏيندي آ اُتساهه،
منهنجي ننڍڙي مانڊلي.

مون لئه آئي آ کٽي،
خوشين جا درياهه،
منهنجي ننڍڙي مانڊلي.

منزل ماڻن جا پئي،
پل پل ڏي ويساهه،
منهنجي ننڍڙي مانڊلي.

سنگت مِڙندي آ جتي،
سا آ چاهت گاهه،
منهنجي ننڍڙي مانڊلي.

صحرا جهڙي پند تي،
بڻي آ وڻراهه،
منهنجي ننڍڙي مانڊلي.
❐



اڄ بہ اکين جي پيار جو،
چاول ڪو سپنو،
مون ۾ ڪٽندو ساهه آ.

برکا جي احساس جان،
ماڻهو هڪ اُجرو،
مون ۾ ڪٽندو ساهه آ.

توڪان! وڇڙڻ جو سدا،
خوف سندو ڪڙڪو،
مون ۾ ڪٽندو ساهه آ.

ساهيڙين ڪي ايئن چيو،
سرتيءَ پئي، سرتو،
مون ۾ ڪٽندو ساهه آ.

آزاديءَ جي خواب جو،
صدين ڪان جذبو،
مون ۾ ڪٽندو ساهه آ.

جيجي! تنهنجي هنج ۾،
گهاريل هر لمحو،
مون ۾ ڪٽندو ساهه آ.
❐

جمڻ کان ئي پهرِيان،
ويندسُ هيئن مري،
ڪاٿي هي معلوم هو.؟

ويندو چاڙهو ساهه جو،
ايڏو جلد ڳري،
ڪاٿي هي معلوم هو.؟

پوندس هر هڪ هنڌ کان،
تاپي ساڻ ڏري،
ڪاٿي هي معلوم هو.؟

دوزخ ۾ ويندي چڙي،
بهشتي حور پري،
ڪاٿي هي معلوم هو.؟

دردن جي تي زندگي،
ويندي هيئن پري،
ڪاٿي هي معلوم هو.؟

سياڻن سان لائي لئون،
تيندي دل چري،
ڪاٿي هي معلوم هو.؟

ڳڙڪائينديون چولِيون،
سگهندس ڪين تري،
ڪاٿي هي معلوم هو.؟

❒



پنهنجي پاڇي کان،
اڄڪلهه ٿيندو خوف آ.

منهنجي هيسيل ننڊ کي،
سندر سپني کان،
اڄڪلهه ٿيندو خوف آ.

آئينن کي ڪيترو،
ماڻهوءَ_ چهري کان،
اڄڪلهه ٿيندو خوف آ.

ايئن ڇيو پي پوپٽن،
هر گل سهڻي کان،
اڄڪلهه ٿيندو خوف آ.

بستيءَ کي رکوال جي،
چونڪيءَ، پهري کان،
اڄڪلهه ٿيندو خوف آ.

ڌرتيءَ کي ڌاري نه پر،
پل پل پنهنجي کان،
اڄڪلهه ٿيندو خوف آ.

ماڻهن جي مخمور کي،
مٺڙي لهجي کان،
اڄڪلهه ٿيندو خوف آ.

❒

پرت پريندي، محب جي
ڪومل خيالن ۾،
ڳوٺاڻي گم ٿي وئي.

خوشيون ڳوليندي ڪٿي،
دک جي رستن ۾،
ڳوٺاڻي گم ٿي وئي.

غوطا کائي عشق جي،
آخر لهرن ۾،
ڳوٺاڻي گم ٿي وئي.

چربٽ جهڙي راڄ جي،
ڪُڌي رسمن ۾،
ڳوٺاڻي گم ٿي وئي.

گهاٽي گهاٽي جهنگ جان،
گهرن خوابن ۾،
ڳوٺاڻي گم ٿي وئي.

❐



ويڙهي ۾ سُهڻا ڪٽي،
خوشين سندا رنگَ،
آئي ننڊڙي آ پَرِي.

دلڙين تان نفرت سندا،
لاهڻ سارا زنگَ،
آئي ننڊڙي آ پَرِي.

پنهنجن جي من مان پَٽڻ،
سورن وارا سنگَ،
آئي ننڊڙي آ پَرِي.

وَسِي پيا گهر جَي مٿان،
رحمت جا سارنگَ،
آئي ننڊڙي آ پَرِي.

ايئن اُڏامي جيءُ ٿو،
جيئن اُڏامن ڪنگَ،
آئي ننڊڙي آ پَرِي.

هر ويريءَ کي ويا لڳي،
آهن گهرا ڏنگَ،
آئي ننڊڙي آ پَرِي.

❐

"پنهنجي ننڊڙي معصوم ڀائٽيءَ نرجس فاطمہ کي سندس ڄنيءَ تي ڏنل ڀيٽا"

سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book



